
ڪيئن رهان جلاوطن
(شاعري)
آڪاش انصاري
گلشن

# ڪيئن رهان جلاوطن

(شاعري)

## ڊاڪٽر آڪاش انصاري

**گلشن پبليڪشن**
**حيدرآباد**
**2008ع**

ڪمپوزنگ : شاهنواز ٽالپر

**ڊجيٽل ايڊيشن:**

2017ع

**سنڌ سلامت ڪتاب گهر**

جا مُرڪ مون ڪان وئي ڪسي تنهن مُرڪ جو آهي قسم،
مان رَتُ رُنس جو ظالمو! تنهن لڙڪ جو آهي قسم،
جيجل جي مٺڙي ٿڃ جي، هر سُرڪ جو آهي قسم،
پلئه ڪندس، پلئه ڪندس، اي وقت! توسان آ وچن!
مان ڪيئن رهان جلاوطن، مان ڪيئن رهان جلاوطن؟

"آڪاش"

# ارپنا

تنهنجو ڏنو،
توکي ارپيو.

آڪاش

## سنڌ سلامت پاران :

سنڌ سلامت **ڊجيٽل بوڪ ايڊيشن** سلسلي جو نئون ڪتاب **”ڪيئن رهان جلاوطن“** اوهان اڳيان حاضر آهي. هي ڪتاب ناميارې شاعر آڪاش انصاري جي شاعريءَ جو مجموعو آهي. ياد رهي ته آڪاش انصاري جي هن ڪتاب جا هن وقت تائين 7 ايڊيشن ڇپجي چڪا آهن ۽ ڪتاب جي ساڳي مقبوليت برقرار آهي.

جامي چانڊيو لکي ٿو:
”آڪاش هڪ مزاحمتي شاعر هئڻ باوجود، پليجي صاحب جي لفظن ۾ ”هڪ عام ۽ روايتي باغي شاعر ڪان گهٽو ۽ تمام گهٽو متيرو بينل ٿو لڳي.“ آڪاش جي شاعريءَ ۾ اعلىٰ سطح جو تاريخي شعور موجود آهي ۽ دراصل اهو عالمي تاريخي شعور ئي آهي، جيڪو ڪيس محبت ۽ مزاحمت جي گسن ڪان ٿيندو انقلاب جي وسيع شاهراهه ڏانهن وٺي وڃي ٿو. آڪاش جي شاعريءَ ۾ نه رڳو سنڌ ۽ عالمي انساني سماج جو تاريخي شعور پنهنجيءَ سموري شدت سان موجود آهي پر ان ۾ اهي سمورا مُحرڪ به موجود آهن، جيڪي هر دور ۾ سنڌي ۽ اعلىٰ شاعريءَ سان گڏ سفر ڪندا رهيا آهن. آڪاش جي شاعريءَ ۾ تاريخ هڪ ڪردار به آهي، تاريخ اتساهه جو ذريعو به آهي.“

هن ڪتاب جو ڇوٿون ڇاپو 2008ع ۾ **گلشن پليڪيشن، حيدرآباد** پاران ڇپايو ويو. ٿورائتا آهيون پياري دوست، سنڌ سلامت جي مانواري ميمبر، بدين سان تعلق رکندڙ **شاهنواز ٽالپر** جا جنهن ڪتاب ڪمپوز ڪري سنڌ سلامت ڪتاب گهر ۾ پيش ڪرڻ لاءِ موڪليو.

**محمد سليمان وساڻ**
**مينيجنگ ايڊيٽر ( اعزازي )**
**سنڌ سلامت ڊاٽ ڪام**
sulemanwassan@gmail.com
**www.sindhsalamat.com**
**books.sindhsalamat.com**

# فهرست


شاعر پاران
آڪاش هڪ سپني جو سفر (چوٿين ايڊيشن جو ماڳ)
سردار شاهه

پهرئين ڇاپي جو مهاڳ – ف . م لاشاري
ٻئي ڇاپي جو مهاڳ – جامي چانڊيو
جلاوطن
پنهنجي آئيني جي نالي
اسان جي مئاسين
جڏهن ٻه توکي وسارڻ چاهيم
جيون ڀانيان ٿو او جيڏا
گهر جي ڳنڍي
اڄ ماڻهو ماڻهو! مورت آ
اوچتو ئي اوچتو
جڏهن ڪنهن ٻه بادل
تون ته بيدرد بي قدر آهين
ٿوهر جي ٿڃ
آڪاٽي
وقت آ جهنگلي مڇريل گهوڙو
وڻي جي ولهه راتڙي
تون ايندين ضرور
ڪوتن کي ڀڏائي ڇڏ ماجرا
جيڪي ماٽيو اٿئون

اڙي عشق
موتين جهڙا ماڻهو
فاضل جي شهادت
بارگاه رسالت (صلي الله عليہ وآلہ وسلم) ۾ هڪ نماڻو عرض
مٽيءَ جي خوشبو
بند اکڙين منجهان
ڪالهہ لنگهي ويا قافلا
آفريڪي شاعر بنجمن مولائس جي قتل تي
واعظ
تنهنجي ٻچيءَ جا داغ هي ٻاڙها
اجا پره پر پري
ڪير تو چئي ڏيهہ ۾
شل انهيءَ ڪان اڳي
اهوسيپ چاهي؟
او امان
وِڪجي ويا
سارو ڏيهہ ڏياچ
هڪ سپني جي ساپيا خاطر
اڙي دل
تنهنجي گهورن جي گهتا
اُجاڙي اجها
هي قاتل
هڪ عيد ڪارڊ
تون اجا ڪڏهين ايندين؟
دنيا ڪي پلا چاهي؟
ڏوهہ ڪنهن ڪي ڏيون
مدتن کان ....

جلون ۾ تنهنجي
نيوٽران بم جي ٽاهيندڙ ڏانهن
جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا
جُڳن جُڳن کان
منهنجا مارو مُرڪن ٿا
هوبهو تو جيان
جيئڻ لاءِ جڳ ۾
آڱريون مشعلون بنائي وٺو
لطيف کان هڪ سوال
گهر جا ڪتا
روح جي رڻ ۾
طبيب ڪجهه ته ٽپاسي ڏس تون
اڌورا ۽ اڻپورا گيت
آخر ڪائي ڳالهه ته هئي
سورج جي ڏند ڪٿا
رڳو ٿر جي صحرا تي
تلاشي
منهنجي نگريءَ جي نينگرين کي چئو!
تاريخ جو نندو نقطو
راهو جو رت ريٽو
آگسٽ 1983ع
توسان نه ملان ها!
مان هليو چو ويس
منهنجو ڪتبو

**شاعر پاران** (پهريون ايڊيشن)

# ڪائنات وڏو جيڪي ڪشڪول ۾...

پنهنجي شاعري ان جي محرڪن تي شاعر پاران لکڻ هڪ بي سبب ڳالهه آهي. هونءَ به خود شاعري پاڻ پنهنجي شاعر جي دردن، اُڌمن ۽ خيالن جو موثر اظهار آهي.

ڪنهن شاعر لاءِ هروڀرو اهو به ضروري ناهي ته ساڳئي وقت دانشور به هجي. خود شاعري به فلسفي کان جدا شيءِ آهي جنهن جا پنهنجا منطق ۽ دليل آهن.

منهنجي شاعريءَ تي منهنجي ڪابه مالڪي ناهي منهنجي شاعري انهن سيني جي ۽ انهن سيني لاءِ آهي، جيڪي مونسان سياسي ۽ نظرياتي طرح مختلف هوندي به منهنجي شاعريءَ کي پنهنجو ٿا پائين ۽ ان ۾ پنهنجو درد ٿا ڳولين. جيئن هر مٺي آبشار تي هر پيئندڙ جو حق ٿئي ٿو.

جيئن هر تخليق ڪنهن نه ڪنهن حوالي سان پنهنجي دؤر ۽ ان دؤر جي ڪک مان جنم وٺندڙ سماجي، سياسي، معاشرتي ۽ فڪري محرڪن ڏانهن جوابدار رهي ٿي، ساڳي ريت منهنجي شاعريءَ کي آئون جوابدار سمجهان ٿو پنهنجي ديس، ديس جي ماڻهن ۽ پنهنجي دؤر جي عالمي تاريخ ڏانهن، جيڪا تخليق ظلم ۽ ڏاڍائيءَ سان نفرت ڪرڻ جي روش کان وانجهي آهي، اها ڪڏهين به هيٺي سان محبت ۽ ڪمزور جو پرجهلو ۽ طرفدار نٿي ٿي سگهي.

جيئن هر شاعر کي اظهار لاءِ ڪا خاص صنف ۽ ٽيڪنڪ وڌيڪ اپيل ڪندي آهي، تيئن مون کي به آزاد نظم وڌيڪ وڻندو آهي. ڇو ته شاعري نالوئي اظهار جي هڪ مخصوص رويي جو آهي ۽ اظهار جي جيڪا (Relaxation) آزاد نظم ۾ رهي ٿي اها شاعريءَ جي ٻي ڪنهن به پاپند وصف ۾ گهُٽيل ۽ بوساٽيل رهجيو ٿي وڃي. بقول سرڳواسي ڪنول لهاٽي

جيڪڏهن خيال کو مجروح ٿئي
رديف ته ڇا، ڪافيا به ڀڃي سگهجن ٿا

ساڳئي وقت ٻين نثري صنفن جي ابتڙ شاعري جو تاجي پيٽو صرف پنهنجي ڌرتي، ڪلچر ۽ ٻولي جي سرچشمن مان جنم ٺو وٺي، سو جيڪو بہ نظم يا شاعري پنهنجي ٻولي جي مٽاس، ڌرتي ۽ ڪلچر جي رس دار سرچشمن کان پالهي رهي ٿي سو ٻيو تہ سڀ ٿي سگهي ٿي پر شاعري نہ.

آخر ۾ آئون انهن سيني دوستن جو دلي طرح ٿورائتو آهيان جن هن ڪتاب کي توهان جي هٿن تائين پهچائڻ لاءِ محنت ۽ جاکوڙ ڪئي. خصوصا ڊاڪٽر سارنگ ميمڻ جنهن هن سڄي مواد کي سهيڙيو ۽ منهنجي شاعرانہ سُستي تي وقت بوقت تنقيد ڪندو رهيو. عبدالحميد جوڻيجو جنهن ڪتاب کي پبلشنگ جي خوبصورتيءَ سان نوازيو، ياءَ خالد نظاماڻي ۽ ڊاڪٽر ايوب جروار جن جي محبت پرئي اسرار ڪتاب ڇپرائڻ جي ڪم کي اڳتي ڪنيو ۽ مفيد مشورن لاءِ جناب نثار حسيني صاحب جو ۽ آخر ۾ دلي طرح ٿورائتو آهيان محترم عبدالغفور ڪريمي صاحب جو جيڪو پنهنجي خلوص ۽ عنايت نہ ڪري ها تہ جيڪر هيءُ ڪتاب وقت سر توهان تائين نہ پهچي سگهي ها.

**آڪاش انصاري**

جنوري 1990 ع
بدين، سنڌ

**جلاوطن جو مهاڳ** **سردار شاهه**

# آڪاش، هڪ سپني جو سفر

قديم سنڌ جو جديد درد سمجهڻ چاهيو ٿا ته آڪاش انصاري کي پڙهو. جيڪو اڇوڪي دؤر ۾ انهي درد جو امين آهي ۽ اهو ڪردار آهي، جيڪو گذريل ٽن ڏهاڪن جي ڪاڪ محل جي سمورن ڏوهن ثوابن جو اکين ڏٺو گواهه آهي ته انهن ڏوڙ ڏوڙ راهن جي سفر جو مسافر به آهي، جن تي نه چاڻ ڪيترا خواب ڪُڙين جي ڪيهه ۾ لتجي ويا. پر زماني جي گرد آلود گردشن کان هُن ضرور ڪو خواب پنهنجي اکين جي آڪيري ۾ بچائي رکيو آهي، جنهن جي آڌار تي هو اڃا جيئي به پيو ۽ اسان کي به جهومائي پيو. آڪاش جي سموري شاعري مونکي انهي سپني جو سفر لڳندي آهي.

اهو سپنو، جنهن ۾ شايد سنڌ آهي. سنڌ جو اجرو آئيندو آهي. جنهن کي هن پنهنجي گيتن ذريعي هر انهيءَ دل ۽ دماغ تائين پهچايو آهي، جيڪي سنڌ جي درد کي سون ورني سياڻي جو سونهون سمجهن ٿا. ۽ هُن اهو ڪم پنهنجي مڪمل عشق ۽ ايمانداري سان ڪيو آهي ۽ اڄ جي اوهين سنڌ جي سياسي ۽ ادبي افق تي ڪي چند ٽڙيل وکريل تارا جهر مر ڪندي ڏسو ٿا ته انهن جي جڳمڳاهٽ ۾ آڪاش جو به هٿ آهي. جنهن جي شاعري گذريل ٽن ڏهاڪن ۾ هڪ زبردست انسپائريشن رهي آهي. جنهن جا گيت سياسي اسٽيجن کان وٺي جيل جي سلاخن تائين ساڳي ڌُن ۽ مستي سان ڳائبا رهيا آهن. هن جي شاعري جيتري اديبن ۾ محبوب آهي اوتري ئي سياسي ڪارڪنن ۾ مقبول آهي. هُن جا نظم هڪ پاسي جيئي سنڌ ۽ عوامي تحريڪ جا ڪارڪن

او امان او امان!
جيڪڏهن رات جي رهزنن جي هٿان
مان به ماريو وڃان
پنهنجي ساٿين جيان

ڪين دکڙو ڪجان
ڪين دل لاهجان
او امان او امان!
منهنجي ڏاهي امان!

فلڪ شگاف آواز ۾ پڙهندا هئا ته ساڳي مستيءَ ۾ ايم ڪيو ايم جا هزارين ڪارڪن هڪ ئي آواز ۾
مان تو رونا نهين
دامن ضبط هاتهون سي کهونا نهين

جي ترنم سان جهونگاريندا هئا. آڪاش جي انهيءَ مقبوليت واري دؤر جا اوهان مان به ڪيترا گواهه هوندا، ستر ۽ اسي وارا ڏهاڪا سنڌ جي سياسي ۽ عوامي سگهه جا پريور دؤر هئا. جڏهن سنڌ جي سياسي سجاڳي پنهنجي پوري جوڀن تي هئي. مونکي افسوس آهي ته اڄوڪو نَوي واري ڏهاڪي ۾ ساماٽيل نوجوان نسل انهن نينهن کان نا آشنا آهي. جڏهن سنڌ تيل ڪڙاهي جيئن ڪڙهي رهي هئي. نهائينءَ جيئن پچي رهي هئي ۽ موئن جي دڙي جي ناچڻي سمبارا جئين نچي رهي هئي. اهو سنڌ جو سياسي جوڀن هو. جڏهن ون يونٽ واري دؤر جو پوڪيل ٻج ايم آر ڊي جي صورت ۾ نروار ٿي آيو هو. انهي دؤر کان نا آشنا نسل سنڌ جي سياسي سگهه ۽ مستقبل جو صحيح تعين ڪٿو ڪري سگهي. 90ع وارو ڏهاڪو سنڌ جي حوالي سان سياسي يتيمي وارو دؤر آهي، جنهن ۾ اڳين ڏهاڪن جي سياسي فصل جو انتهائي بي دردي سان پيلاڙ ٿيو آهي. جنهنجا اولڙا انتهائي بي درد مان ليڪا پائي رهيا آهن.

آئون سمجهان ٿو ته انسان جي مڙني حسناڪ روپن ۾ بغاوت ۽ مزاحمت انتهائي حسين ۽ دلدار رويا ۽ روپ آهن. دنيا سياسي ۽ دفاعي ماهرن نه پر باغين بدلائي ڇڏي آهي. اڄوڪي ترقي يافته ۽ ايڪوهين صديءَ ۾ ڳاٽ اوچو ڪري داخل ٿيندڙ دنيا جي سموري سرڪشي ۽ دلڪشيءَ ۾ جيڏو هٿ بغاوت جڳ آهي. ايڏو حڪمت عملين، سفارتڪارين ۽ ڊپلوميسين جو ناهي. بغاوت، تبديلي ۽ ترقيءَ جي نشاني آهي. توهان سمورو ادب ڪٿي ڏسو، شاعري ڪٿي ڏسو، جيڪا به سونهن ملندي اها بغاوت ۾ملندي لطيف کان وٺي لورڪا تائين، سچل کان وٺي سئفو تائين، عمر خيام کان وٺي اياز تائين سڀ پنهنجي پنهنجي دؤر جا باغي روح آهن، انهن پنهنجي دؤر جي بيٺل پاڻيءَ ۾ پٿر اڇلائي، لهرن کي للڪار ڏئي، سماج کي سينور مان ٻاهر ڪڍيو آهي. ۽ نئين نسل کي نوان خواب ڏسڻ سيکاريا آهن. اهي پنهنجي دؤر جي مروج ۽

فرسوده روايتن جي وهڪري آڏو بند ٻڌي بيٺا، تڏهن روشن روايتن جنم ورتو. جيڪي تصوف جو سفر نفي کان شروع ٿئي ٿو ته سماج جي ترقي ۽ تبديليءَ جو آغاز اختلاف جي جرئت( Exceptional Dare ) کان ٿئي ٿو.

تون چوين ٿو، هينئن چئو،
مان چوان ٿو ائين نہ چوندس
يا
لهورو لوڪ وهي، تون اوچو وهہ اوپار.

آڪاش انصاري جي شاعري هڪ ڀرپور بغاوت جو مظهر آهي جنهن پنهنجي دؤر جي مڙني انسان دشمن روايتن ۽ ظالمن کي للڪاريو آهي. هُن پنهنجي ڌرتيءَ تي ڌاڙو هڻندڙ هر انهيءَ ڌاڙيل کي ڌوڙ ڪيو آهي. پوءِ چاهي اهو جنرل ضياءَ هجي يا ڪوئي ”عرب سڳورو لٽيرو“ پر ان سموري مزاحمت ۾ هُن جو انداز عاشقانہ ۽ جمالياتي حسن جي سمورين گهرجن کي پاڪر ۾ پري بيهندڙ آهي. جنهن ۾ مزاحمت ۽ رومانس جو حسين ميلاپ ملي ٿو. مون ڏٺو آهي تہ دنيا جي سموري انقلابي ۽ مزاحمتي شاعري پنهنجي هٿ ۾ رومانس جي رومال کي ميرو ٿيڻ نہ ڏنو آهي- ۽ جتي بہ ائين ٿيو آهي، جو جمالياتي ۽ رومانس ان شاعريءَ کان پري ٿي آهي. ڏکڻ آفريڪا کان وٺي لاطيني آمريڪا تائين، ويتنام ۽ فلپائن کان وٺي سوڊان ۽ الجزائر تائين جي سموري انقلابي ۽ مزاحمتي شاعريءَ جا ورق ورائي ڏسو توهانکي درد ۽ دلڪشيءَ جي فريڪوئنسي ساڳي ملندي. پوءِ چاهي بنجمن مولائيس ۽ محمود درويش هجي يا آڪاش انصاري اهائي فن جي آفاقيت ( Universalism) ۽ معراج آهي. توهان آڪاش جو نظم ”هي قاتل“ پڙهي ڏسو، تہ آڪاش جو ”قاتل“ چند انسانن جو قاتل ناهي، پر اهو فطرت جو قاتل آهي، رڳو سماج جو قاتل ناهي، پر ڪائنات جي سمورين رعنائين ۽ حسناڪين جو قاتل آهي. اهائي يونيورسلائيزيشن آهي. هو چوي ٿو.

هي تهذيب اخلاق، رشتن جا قاتل
هي ڇُوڙيلي چوڙيلي ٻانهن جا قتل
هي گهنگهور گدلين گهٽائن جا قاتل
هي پوپٽ جي پرڙن ۽ پؤنرن جا قاتل
هي برڪا ۾ پڄندڙ پنيورين جا قاتل
هي موتئي گلابن جي پن پن جا قاتل

هي ميران ۽ تلسي جي دوهن جا قاتل
هي بُلي، هي باهُو، فريدن جا قاتل
هي ميندين جا قاتل هي موڙن جا قاتل
نڪيئي جي وٽندڙ وچوڙن جا قاتل

توهان سندس ”ڪيئن رهان جلاوطن“ جا سمورا انقلابي رومانوي نظم پڙهي ڏسو، هو توهان کي فقط سنڌ ڌرتيءَ جي ڏکن ۽ سورن جو سرجڻهار نہ پر سموري عالم انسانيت جو امين لڳندو،ڇو تہ سندس شاعريءَ ۾ ذاتي درد کان وڌيڪ عوامي درد آهي.

آڪاش جي شاعريءَ جو هڪ ٻيو مضبوط پاسو طبقاتي تضاد ڏانهن سندس (Positive approach) بہ آهي. هو طبقاتي اڻ برابري کي پنهنجي اثرائتي انداز ۾ نندي ٿو. ان سلسلي ۾ هن جو شاهڪار نظم ”خانداني وڏيري ڏانهن“ آهي. جنهن جهڙو طبقاتي تضاد تي اتيڪ ڪندڙ ۽ ان کي وڌيڪ عيان ڪندڙ شعر مون نہ پڙهيو آهي-

هل هلي ٿا سنڌ کان شجرو پڇون،
خانداني تون يا مان!

فيض چيو هو ”شاعر جو ڪم رڳو مشاهدو ئي نہ پر ان سان گڏ مجاهدو بہ مٿس فرض آهي. انساني زندگيءَ جي اجتماعي جدوجهد جو ادارڪ ۽ ان جاکوڙ ۾ حسبِ توفيق شرڪت، زندگيءَ سان گڏ فن جي بہ تقاضا آهي.“ توهان ڏسو تہ اڄ اهوئي فن جيئرو آهي، جيڪو حيات انساني جي لکين سالن تي پکڙيل جدوجهد جاکوڙ بيچيني، درد ۽ دلربائي جي سمنڊ کي قطري ۾ قيد ڪري ٿو ۽ اهوئي فن لازوال، آفاقي ۽ ڪلاسيڪي آهي. باقي ٻيو سمورو قلمي پورهيو تاريخ جي دست بن ۾ دفن ٿي ويو. بقول غالب

قطري مين دجلہ دکهائي نہ دي اور جزو مين کل
کهيل لڙکون کا هوا ديده بينا نہ هوا

۽ توهان پنهنجي هن آڪاش کي ڏسو تہ هو پنهنجي فڪر جي فريڪوئنسي سان انهن ڪوين جي قطار ۾ وڃي بيهي ٿو، جن دنيا کي بدلائڻ ۽ حسين کان حسين تر ڏسڻ جا خواب پنهنجي اکين ۾ ڪجل جي ڪاني جيئن پاتا آهن ۽ انهن سپنن کي پنهنجي پنبڻين تي پالڻ لاءِ هنن جيترو سوچيو لوچيو ۽ پوڳيو آهي، اهو بہ سندن تخليق مان جهلڪي رهيو آهي- هو چوي ٿو:

خوابن جا ڏيئي موتي، تعبير خريديون ها!

نيڻن جي نصيبن ۾ پر ننڊ لکيل ناهي.
يا
هڪ سپنو جنهنجي ساپيان خاطر
پنهنجي نيڻن جي صليبن تي ٽنگيل
سوين سپنن کي گهُٽا ڏئي اسان ماريو آ
پاڻ تي ظلم ڪري پاڻ کي جيئاريو آ

مون چيو آڪاش جي سموري شاعري ڪنهن سپني جو سوز آهي. اهو سپنو، هن دنيا کي حسين کان حسين تر بنائڻ جي تمنا آهي. اها دنيا جيڪا اڃ ڪنهن ننڊڙي ٻار جيان اُتاوليون وکون کڻندي وڃي. نيو ورلڊ آرڊر ۽ گلوبلائيزيشن جي گرهڻ ۾ ڦاٿي آهي- سياسي ۽ اقتصادي مفادن جي نالي ۾ بي پرواهه بگهڙن اڇوڪي دنيا جو چهرو ڪيئن رانيوٽن سان رهڙي رهيا آهن- اسان سڀ ڏسي رهيا آهيون اتي وري ٻہ دنيا جو درد پنهنجي هانءُ جي هندوري ۾ رکندڙ آڪاش ئي دانهن ڪري چوي ٿو،

دنيا تہ دلربا هئي پر،
وحشي ٽولن جي ور چڙهي وئي.

ڪيٽس چيو هو تہ "سونهن سچ آهي ۽ سچ سونهن" - ۽ اها ٻہ حقيقت آهي تہ سچ ۽ سونهن لازوال فن جا سڀ کان وڏا محرڪ آهن. اهو ٻہ سچ آهي تہ انهن جو اثرائتو اظهار درد کان سواءِ ممڪن ڪونهي. چو تہ درد، عشق جو دادلو دوست آهي. - ۽ آڪاش جي شاعري جا منهنجي نظر ۾ سچ، سونهن عشق ۽ درد سڀ کان وڏا محرڪ آهن، جن تي فراق ۽ جدائي جي ڪيفيت ڇانيل آهي. پوءِ چاهي اهو فراق، انقلاب جي حسين آس ۽ انتظار ۾ ظاهرٿئي يا پنهنجي محبوب جي وصال جي آرزو ۾ اڪين جو آگم تي اڇي. فراق ئي فراق آهي. انتظار ئي انتظار آهي. ڪجهہ شعر ٻڌو:

اي اسانجا اڻ ڏٺل، صدين کان رٺل.
خواب جهڙا "آئيندا"
تنهنجو ڏنڏلوڪو تصور رڳو محسوس ڪري،
متان تون سمجهين توکي ماڻڻ لاءِ،
اسان مقتل ۾ ڪري مات رهيا هونداسين،
۽ تنهنجي چاهہ جي خواهش ۾ توکي ڳولڻ لاءِ

پنهنجي ٽوهر پريل راهن تان ٽڙيا هونداسين

يا
ٻڌاءِ! تون اچا ڪڏهين ايندين؟
هزار وار، ٻاٽ جون ڇُنريون
رات جي ڇاتي تان سرڪيون آهن،
اسان جي راهه مسافر ۽ بيقرار دليون،
پوهه جي رات ڪي پره سمجهي
ڪُوڙي آٽت مٿي چرڪيون آهن،
ٻڌاءِ! تون اچا ڪڏهين ايندين؟
يا
هاڻي ته آڪاش جي اوٽ ۾،
آسماني ڏيئا پڻ اجهامي ويا
سمهي پيا ستارا، تي جهيٽا جهڪا،
ڪڏهانڪر ڪٿين ڪر موڙي چڏيا،
مگر انتظارن سندا قافلا،
ٿيا ڪن ٿڪجي ڪڏهن ڇُور ڇُور،
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.

يا
وقت جي چيچ ۾ زندگي جو ڇلو، پيو ٿئي گهر گهلو، يار جلدي ملو . . . . .

مون ڏٺو آهي ته دنيا جي لازوال ۽ حسين شاعري جن معيار تي پرکي وڃي ٿي. اهي آهن داخليت ( Subjectivity) خارجيت (Objectivity ) ، فطرت سان ويجهڙائي ۽ تاريخي ۽ سماجي شعور - ۽ آڪاش جي شاعري ۾ انهن معيارن جو گهڻي حد تائين توازن برقرار آهي. آڪاش جو تاريخي ادراڪ ( Historical Wisdom ) هن کي روايتپڻي کان ٻاهر ڪڍي گهڻو مٿي ڪٽي

بيهاري ٿو. جنهنجي اڳيان اڄوڪي دؤر جي گهٽي ياڳي يار جي چڳن ۽ چمن جي چُنگل ۽ بلبل ۽ گلشن جي ڪاروبار ۾ ڦاٿل سنڌي شاعري گهٽي پوئتي رهجي وڃي ٿي.

اڄ جي گهٽي قدر سنڌي شاعريءَ جو سڀ کان وڏو الميو اهو آهي ته اها پنهنجي دؤر جي ڪڙي حقيقتن، تاريخ جي شعور ۽ همعصر عالمي ادب کان ناآشنا هجڻ ڪري، هڪ مخصوص روايتي دائري ۾ چاڪي جي ڏاند وانگر ڦيرا پائي رهي آهي. پر اتي آڪاش انهن سيني ( Stereo types ) کان ٻاهر بيٺل آهي. حقيقت ۾ اسان جا اڄا فن ۽ ڪلا کي پرکڻ جا معيار به روايتپٽي کان ٻاهر ناهن نڪتا. مخصوص نظرين جا نيئر وجهي تخليقڪار کي سوگهو ڪرڻ، ساڻس سڀ کان وڏي زيادتي آهي. جڏهن ته شاعر ڪائنات ۽ فطرت جي احساس جو اسير هوندو آهي. هُن جي فڪر ۽ جذباتي تبديلين ۾ جيترو هٿ هن جي داخلي رولاڪين جو هوندو آهي، اوترو ئي هٿ فطرت جي فنڪارين ۽ سماجي حالتن جو به هجي ٿو. جيڪو مسلسل ڪيفيتن جي تبديلي مان گذري ٿو ۽ ظاهر آهي ته تخيل ۽ فڪر به متجندو رهي ٿو.آڪاش جي شاعريءَ جو پهريون دؤر سندس جذباتي دؤر آهي ۽ ٻيو دؤر نوي وارو ڏهاڪو ۽ هاڻوڪو دؤر آهي. جنهن ۾ زندگي جي موجوده حقيقتن ۽ سماجي ڪيفيتن جو ڏيک آهي. آڪاش جي هاڻوڪي شاعري سندس دل جي دنيا جو سچو عڪس ۽ اعتراف آهي. چوندا آهن ته:

Confession is a death of follies

(اعتراف غلطين جو موت آهي.)

۽ اهو اعتراف جو دؤر هر تخليقڪار تي اچي ٿو. جنهن ۾ هُن جي چندڇاڻ ۽ (Filtration ) ٿئي ٿي، پوءِ چاهي هُو ان جو اظهار پنهنجي تخليق جي صورت ۾ ڪري يا نه ڪري، نه ته پاڻ ته ڏسون پيا ته اڄ سنڌ جي سياسي ۽ ادبي آڪاڙي ۾ ڪيترو اندران کاڌل، مئل روح ۽ (Dead man walking ) جهڙا ڪردار گهمي ڦري رهيا آهن، جن جي زندگيءَ ۾ زندگيءَ کان سواءِ سڀ ڪجهه پر اتي آڪاش هڪ ضمير جي قيد ڪلاڪار وانگر انهن سيني روايتن کي ٽوڙي بيهي ٿو ۽ چوي ٿو:

اسين بس رهياسين اڌورا اڌورا

اها ڪيفيت فيض تي به آئي هئي. جڏهن هُن پنهنجو نظم ”ڪڇھ عشق ڪيا، ڪڇھ ڪام ڪيا“ لکيو هو، ۽ ڪازان زاڪس ته پنهنجي پڇاڙي حياتيءَ ۾ (Report to Greeko ) لکي، انهيءَ عمل مان گذريو هو. اهو اعتراف رڳو آڪاش جو ئي نه پر هن دؤر جو اعتراف آهي. گذريل ٽن ڏهاڪن جي سنڌ جو اعتراف آهي، انهن سيني آڪاش جي همسفر ساٿين جو اعتراف آهي،

جيڪي اڄ وقت جي واڇوڙي ۾ ڪڪ پن جيان الائي ڪيڏانهن اڏامي ويا، انهن سيني جو اعتراف آهي، پوءِ چاهي اهي انا جو ڪوٽ لاهين يا نہ. سچ دلين جا دروازا اورانگهي ٿو اچي.

هُو تہ اهو بہ اعتراف ڪري ٿو تہ هن هن مذهبي جنونيت مُلن جي معاشري ۾ بہ سچل جي انهيءَ سٽ مذهبن ملڪن ۾ اچي ماڻهو مُنجهايا جو آگر پڪڙي هلڻ چاهي ٿو. شايد هو آرين ڪان اڳ واري سنڌ جو ڪو ويراڳ ورتل دراوڙي روح آهي. جيڪو پنهنجي حياتيءَ ۾ ئي پنهنجي قبر جو ڪتبو ڏيئي ٿو وڃي.

دوستو! ڪتبو ڏسو ٿا تہ آئون ڪير آهيان؟

مان پنهنجي سنڌ جي مٽيءَ جو ننڍڙو ذرو آهيان،

مان دين ڌرم جي دوڪن ڪان دور دور رهيس،

مان ماڻهپي جي منزلن ڏي ڪنيل پير آهيان.

## سيد سردار شاهہ

12- نومبر 2005 ع

حيدرآباد

## مهاڳ (پهريون ڇاپو)

**فقير محمد لاشاري**

شاعر آڪاش انصاري سنڌ جي اهڙي تاريخي دؤر جي پيداوار آهي، جڏهن هتي پا مجائڻ، نئين ماڻهوءَ لاءِ ڪٺن ڪم ڇيو وڃي ٿو. ڪٺن ان ڪري ته نئين شاعر کي ڀٽائي، سچل، تنوير، اياز، امداد، استاد بخاري ۽ سوين هزارين شاعرن جي وچ ۾ پنهنجي جاءِ ٺاهڻي ٿي پوي.

پر دليل ڏيڻ جو اهو طريقو به شايد درست نه هجي، شيڪسپيئر کان پوءِ انگريزي شاعري بيهي نه ويئي ۽ نه وري ڪاليداس کان پوءِ هندستاني شاعري ۾ ڪا ڪمي ٿي. رڳو سنڌ ۾ ڀٽائي ۽ اياز ۾ ٻن صدين جو خال، ٻن چئن شاعرن کي ڇڏي. ان ڪري ٿو نظر اچي، جو ان لاءِ تاريخي حالتون ذميوار آهن. شاعري ته ٿيندي رهي پر ڀٽائيءَ تي سنڌي شاعري ڪلاسڪ ۾ داخل ٿي هئي، جتان وري ان لوڪ شاعري يا سگهڙن ڏانهن موٽ کاڌي، جو سنڌي سماج ۾ نَيَنَ پيداواري قوتن جو اوسر وارو ڪم رڪجي ويو هو.

پنجاب ۾ به ڪلاسيڪي شاعري پوئتي موٽ کاڌي هئي ۽ وري جڏهن اقبال سيالڪوٽ مان شاعر ٿي اڀريو، تڏهن اتي ٿوري گهڻي صنعتڪاري ٿي چڪي هئي، پر ان سفر ۾ اتي اردو ۽ فارسي، پنجابي زبان جو جديد ادبي مرتبو ڪائي چڪيون هيون. ائين ته سنڌ ۾ به فارسي شاعري ٿيندي رهي ۽ اڄ به عجائب گهر ۾ رکڻ جهڙو ڪونه ڪو فارسي جو سٽيل شاعر ملي ويندو، جنهن جي شعر ۾ ”ء“ ”ء“ ”آهي“ کان سواءِ سنڌي ٻوليءَ جو واس تيل جي کوٽائي ڪرڻ سان به نه ملي سگهندو. هونئن به تخليق جو سفر ته زندگيءَ جي قافلي سان گڏ آهي، اهو ڪٿي به بيهڻو ڪونهي، دنيا ڀٽائي ۽ اياز تي اچي بيهي ڪونه ٿي، پاڻ اهي سندس واٽ جا نشان آهن، جتان جدوجهد جو قافلو وڌيڪ ثمر ڪٺي اڳتي وڌي ٿو. فنڪار ۽ جينيئس جي ذهن جا دروازا کليل هوندا آهن ۽ اتي گهڻو ڪجهه سمائجي سگهندو آهي ته وري تخليق جي سخاوت به کليل دل سان ٿيندي آهي، ڀٽائي، اياز ۽ آڪاش ان سخاوت جا روپ آهن هر فنڪار ۽ ليکڪ ان سخاوت جو روپ آهي.

تاريخ، پاڻ ماڻهن کي ڏکن ڏيڻ ۾ حاتم طائي واري سخاوت ڪئي آهي ۽ ان سخاوت اسان کي هر دور ۾ عظيم فنڪار ۽ تخليقڪار ڏنا آهن.

آڪاش انصاري انهن تخليقڪارن مان آهي، جنهن کي پنهنجي انفراديت، پنهنجي سڃاڻپ، پنهنجي شاعرانه سونهن، پنهنجو ردم ۽ پنهنجا فڪري رويا آهن.

آڪاش جي شاعري ۾ لاڙ جي سياسي جاگرافي ۾ عجيب هڪجهڙائي آهي، آڪاش جي مٽي بدين جي مٽي آهي. جنهن ۾ روپا ماڙي، وڳهه ڪوٽ، رڻ ڪڇ، سمنڊ، ٽڙ يونين ٽيڪساس جو ڳولهي ڪڍيل تيل، وِلهه گاڏڙ هوائون ۽ لاڙي چانورن جو واس سڀ شامل آهي.

ان جا جاگرافي تي تاريخي جبر وارا پهلو ٻه لاڳو ٿين ٿا، جن ۾ 1947ع کان پوءِ پيدا ٿيل راڪاسن جون جنگي ۽ سياسي حڪمت عمليون ۽ ان جا جاگرافي جو ٻيو لازمي پاسو هي آهي ته بدين سنڌ آهي. هي سڀ ڳالهيون، هڪ پڙهيل لکيل نوجوان تائين اهڙي نموني پهچن ٿيون جو هُو، شاعر ۽ سياسي اڳواڻ، آڪاش انصاري جي نالي سان سنڌ جي افق تي نروار ٿئي ٿو ۽ عجيب نموني نروار ٿئي ٿو. شاعراڻي، ملنگ مست طبيعت وارو آڪاش جنهن ۾ محبتون ئي محبتون ڀريل آهن، جيڪو تند جي سامهون راءِ ڏيارڇ جو ڪو نئون روپ ۽ ڪردار ٿو لڳي سو سياست به ڪري ٿو. مروج سياست جا ماڻهن کي تلخ تجربا آهن، خود ترقي پسند سياست ۾ به ڪيئي سچ انائن جي ٽياس تي آپگهات ڪري چڪا آهن، اتي اسان جو هي دلبر همراهه پنهنجي مڪمل شاعراڻي وجود سان ذري جي به رعايت ڏيڻ کان نابري واري موجود آهي، سنڌس اِها موجودگي سياست ۾ سچ جي جاءِ ولارڻ جو ڏس آهي. هوپنهنجي روين ۾ مڪمل شاعر آهي ۽ سياست ۾ به انهن روين سان موجود آهي، جيڪي بنيادي طرح انسان دوست ورتاءُ آهن.

آئون آڪاش جي شاعراڻي سفر جو شاهد آهيان، جو مون هلال مئگزين ۾ 1981-82ع واري عرصي ۾ سنڌس شاعري ڇاپي، ان وقت ۽ هاڻي به آڪاش جي شاعري، مونکي ناول سڌارت جي اهڙن ئي ڪردارن جي ڪيل شاعري لڳندي آهي. جن ذهني يڪسوئي جي سکيا، درياهه جي لهرن تي پهرن جا پهر ۽ ڏينهن جا ڏينهن تڪ هٽي مشڪ ڪرڻ ذريعي ورتي هجي.

سنڌس نظم معاملن ۽ حالتن جي تيز ۽ تکي وهڪري واري درياءُ جي هر لهر جو تفصيلي مطالعو آهي، انهن لهرن ۾ ڪٿي دنيا جي امن جو لاش، ڪٿي آمي ۽ ڦاپي جي عصمتن جا ڦٽيل اُره، ڪٿي عقيدن جا ڀرم، ڪٿي پاڻ کي ڳولڻ جي ضرورت کان وڌيڪ سودائن جا جنازا ۽ ڪٿي ماروئن جا ڳُهٽيل لڙڪ لڙن ٿا.

هن جي شعرن ۾ درد، فلسفي ۽ جدوجهد جا گڏيل ۽ رچيل رنگ به موجود آهن، ته سياسي جلسن ۾ پنهنجي وطن جي ماڻهن کي گڏ ۽ متحد ڪرڻ واري شاعري به ملي ٿي. هو ساڳئي وقت مست ملنگ ۽ لا ابالي شاعر آهي ته هڪ بيباڪ انقلابي ميدان جو شهسوار پڻ. ٻي خاص ڳالهه اها آهي ته آڪاش پنهنجي شاعريءَ ۾ زندگيءَ جي فلسفائين پاسن کي سمجهڻ ۾

سولو ٻه ٻڌايو آهي. اها ڳالهه سندس جذبي جي واضع چٽائي ۽ فهم جو ڏس ڏئي ٿي، ته سندس شاعري جي رومانوي رنگ ٻه اياري آڻي ٿي.

آڪاش پشم جي گولن جهڙو نرم ۽ نازڪ ۽ هيري جهڙو مضبوط شاعر آهي ۽ منجهنس تمام گهڻگهڻ شاعرانو وت موجود آهي، جيڪو وقت سان گڏ سامهون ايندو رهندو.

**ف.م لاشاري**

ڪراچي

پهرين جنوري 1990 ع

## ٻئي ايڊيشن جو مهاڳ

جامي چانڊيو

# محبت، مزاحمت ۽ انقلاب جو شاعر

انسان پنهنجي سموري تهذيبي سفر ۾ جيڪي عظيم ترين ۽ عجيب و غريب شعبا ۽ شيون تخليقون ڪيون آهن، انهن ۾ فن جو ۽ فن جي دنيا ۾ وري شاعريءَ جو وڏو درجو آهي. انسان جي سچي تهذيبي سفر ۽ ان جي همہ-گير اوسر جي تهاس مان جيڪڏهن لطيف فَن کي ۽ ان ۾ بہ شاعري کي ڪڍي ڇڏجي تہ پڪ سان چئي سگهجي ٿو تہ انسان نہ تہ ايترو اڳتي وڌي سگهي ها ۽ نہ ئي ماڻهپي جون وڏيون منزلون ماڻي سگهي ها. ٻين لفظن ۾ ائين چئي سگهجي ٿو تہ انساني تهذيب جي تاريخ جي پاڇي ٻُڏي هجي ها. انسان، ٻين ساهوارن کان فقط هڪڙي ڳالهہ ۾ ئي منفرد ۽ ممتاز آهي ۽ اهو آهي تصور ڪرڻ، پُور پچائڻ، سوچڻ ۽ خواب ڏسڻ ۽ انسان توڙي انساني تهذيب جي تصورن پُورن، لطيف ويچارن، احساسن ۽ خوابن جي جيتري سيڙپ شاعريءَ ۾ ٿيل آهي، اوتري شايد ئي ڪنهن ٻي شعبي ۾ ٿيل هجي. شاعري انسان جي لطيف تصورن، خوبصورت خوابن ۽ ان جي درد جي سمورن دائرن جي تاريخ آهي. هونئن تہ هر انسان ۽ مجموعي طور هر خطو ۽ معاشرو سوچي، لوچي ۽ خواب ڏسي ٿو پر اوير نندي کنڊ ۽ ان ۾ بہ خاص طور تي سنڌ جي سرشت ۾، شاعري سمايل رهي آهي. اڄوڪي دور ۾ پل تہ اسين زندگيءَ جي انيڪ شعبن ۾ دنيا کان ۽ پنهنجي هم عصر عالمي دور کان گهٽو گهٽو پوئتي هجون پر هن ننڍڙي دنيا اندر هڪ وشال دنيا اهڙي بہ آهي، جنهن ۾ اسين رڳو زماني جهڙا ئي نہ، پر ان کان ڪنهن حد تائين اڳتي بہ آيون آهيون ۽ اها دنيا آهي دل جي، جنهن جو ڀرپور ۽ بهترين اظهار شاعريءَ ۾ ئي ٿي سگهي ٿو.

ان ڳالهہ متعلق تہ ڪي بہ ٻہ رايا نہ آهن تہ، نندي کنڊ جون ڪلاسيڪي توڙي جديد شعري روايتون شاندار رهيون آهن. سنسڪرت، هندي، سرائيڪي، پنجابي. سنڌي، اردو، ۽ بنگالي ٻولين جي تاريخي، عظيم شاعريءَ جي حوالي سان املهہ روايتن جي امين رهي آهي ۽ وڏي ڀاڱ جي ڳالهہ اها آهي تہ اِها روايت صدين گذرڻ کان پوءِ بہ نہ رڳو زنده آهي، پر ويرؤن وڌ آهي. اسان جو آڪاش انصاري بہ جديد سنڌي شاعريءَ ۾ ان روايت جو تسلسل آهي. نندي کنڊ جي

قديم ۽ ڪلاسيڪي شاعريءَ جا انيڪ رنگ ۽ رجحان رهيا آهن. پر ان جو محور ۽ محرڪ تصوف هو. جيتوڻيڪ تصوف جا ٻه گهڻا رنگ رهيا آهن ۽ ان جي هر رنگ جون پنهنجون ڏارائون رهيون آهن پر پوءِ ٻه پنهنجي جوهر ۾ اهي سمورا رنگ تصوف جا هئا. هر فڪر کي هڪ خاص عالمي يا معروضي دور گهرجي ۽ پس و پيش ملي ٿو. ائين تصوف کي ٻه ڪلاسيڪي شاعريءَ جي صورت ۾ نندي ڪنڌ ۾ هڪ ڀرپور دور ۽ ان جي زمين ملي ، هتي ان موضوع جي تفصيل ۾ وڃڻ جي گنجائش نه آهي. پر ڳالهه کي اڳتي وڌائڻ لاءِ ائين چئي سگهجي ٿو ته نندي ڪنڌ ۾ جديد شاعريءَ جو دور، ترقي پسند ادبي تحريڪ کان پوءِ آيو. اها ترقي پسند تحريڪ، جنهن جي نتيجي ۾ نندي ڪنڌ ۾ رابندرانات ٽئگور، جيوانداس، اقبال، جوش، فيض ۽ شيخ اياز سامهون اچن ٿا. نندي ڪنڌ ۾ جديد شاعريءَ جي روايت ان ڪري ٻه بي پناهه پختگي ۽ حُسناڪي سان سامهون آئي جو ان نه رڳو پنهنجي همه عصر عالمي دور جي سگهارن قدرن ۽ فڪري روين سان پاڻ کي سلهاڙيو، پر ان کي پنهنجي عظيم ڪلاسيڪي شعري ورثي جي روايتن سان ڳنڍيو، نئين شعري روايت کي نئي نه جنم ڏنو پر حقيقت ۾ هڪ نئين دور کي تخليق ڪيو. اهو دور جنهن جو تسلسل اسان وٽ ڀين سان گڏ آڪاش انصاري ٻه آهي.

آڪاش انصاريءَ ، شاعريءَ جي ميدان ۾ ان وقت قدم رکيو، جنهن جي ماضيءَ ۾ ڪلاسيڪي شاعريءَ جي حوالي سان لطيف جهڙو يگانو ۽ جبل جيڏو شاعر موجود هو ته جديد دور ۾ شيخ اياز، استاد بخاري ۽ نارائڻ شيام موجود هئا. اهڙي پس منظر ۾ هڪ نئين شاعر جو سامهون اچڻ ۽ پنهنجي ءَ پوري انفراديت، اظهار ۽ اسلوب توڙي فڪر جي جدت سان سامهون اچڻ، ڏاڍي ڏکي ڳالهه هئي. جيڪا آڪاش انصاريءَ ڪاميابيءَ سان ڪري ڏيکاري، جيئن اياز جي عظيم شاعري (جنهن ۾ مان هن جي پوئين دور کي شامل نه ٿو ڪريان) هڪ خاص دور جي پيداوار آهي. اهو دور جيڪو ڪامڻ، پچڻ، پڇرڻ، لوچڻ ۽ لڇڻ جو دور هو. اهو دور جنهن ۾ محبتن ۽ نفرتن پنهنجا ڇيهه ڪري ڇڏيا هئا، جنهن ۾ محبتن جو محور انقلاب هو ۽ انقلاب ۾ ٻه رومانس ڳوليو ويندو هو. اهو دور جنهن ۾ گلابي ۽ ناسي چپن تي سُرخ نعرا ۽ گيت هوندا هئا. اهو دور جيڪو گهڻو پراڻو ناهي، سنڌ جي بنهه ويجهي ماضيءَ جو دور آهي. اهو دور جيڪوآڪاش جي زباني پنهنجي ”آئيندي“ (جنهن کي انقلاب سان ٻه تعبير ڪري سگهجي ٿو) سان هيئن مخاطب ٿيندو هو:

ڀيجليا ڪجهه ٻول!
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

سر سڪن جيئن اُڇلي اَڇبا،
جنهن وقت جهليندين جهول،
سارو ڏيهہ ڏياچ تون ڏسندين!

يعني اهو دور، جڏهن سارو ڏيهہ ”ڏياچ“ هو. سياست هجي يا ادب ۽ فن، ان ۾ هر تشنہ دور، پنهنجي تخليقي اظهار لاءِ ڪردار ڳولي ٿو. اهي دور ڀاڳ وارا آهن، جن ڪي پنهنجي اظهار لاءِ شيخ اياز، استاد بخاري ۽ آڪاش ملن ٿا ۽ ساڳي وقت بختاور آهن اهي ڪردار جن ڪي پنهنجي بي پناهہ تخليقي سگهہ جي انتظار لاءِ تشنہ دور ملن ٿا. جيتوڻيڪ آڪاش انصاريءَ جي شاعري نندي ڪنڌ توڙي سنڌ جي جديد ۽ ترقي پسند شاعريءَ جو تسلسل بہ آهي. پر ان ۾ جدتن جون نيون منزلون بہ آهن. اها جدت هن جي اظهار ۽ اسلوب ۾ بہ آهي تہ هن جي ٻولي ۽ موضوعن ۾ بہ آهي. اها جدت هن جي فارم ۾ بہ آهي تہ هن جي فڪري، سماجياتي ۽ جمالياتي روين ۾ بہ آهي. جيتوڻيڪ آڪاش انصاريءَ منهنجو بنهہ ويجهو ۽ دل گهريو ذاتي دوست آهي ۽ هن جي شاعريءَ ڪي بہ مون سدائين ۽ بار بار وڏيءَ محبت سان پئي پڙهيو آهي. هر سٺي ۽ يگاني شاعريءَ وانگر، مون هن ڪي بار بار پڙهندي بہ هميشہ انجواءِ ڪيو آهي. مون هن جي شاعريءَ جون جيڪي بنيادي خوبيون محسوس پئي ڪيون آهن، چاهيان ٿو تہ هتي انهن جو مختصر ذڪر ڪريان.

شاعريءَ جو اڀياس ڪرڻ هڪڙو ڪم آهي پر ان جي پرک ڪرڻ، ان مان نتيجا ڪڍڻ ۽ ان جا فڪري ۽ فني محرڪ ڳولڻ نہ رڳو هڪ فن آهي. پر هڪ بنهہ حساس ۽ ڏکيو ڪم آهي. ان ڪم ڪي ادب ۽ فن جي علمي دنيا ۾ ”تنقيد جو علم ۽ فن“ چئجي ٿو، جيڪو سنڌ ۾ اڃا پوريءَ ريت متعارف بہ ٿي نہ سگهيو آهي. آڪاش انصاريءَ ڪي مان محبت، مزاحمت ۽ انقلاب جو شاعر سمجهان ٿو. اهي ٽيئي، انساني تهذيب جي سموري سفر جا وڏي ۾ وڏا قدر آهن ۽ جڏهن اهڙا عظيم قدر، شاعريءَ ڪي سنڌي ادب ۽ سنڌي سماج جو سرمايو سمجهان ٿو. آڪاش محبت ۽ مزاحمت جو شاعر آهي. هن جي محبت ايڏي تہ شديد ۽ سگهاري آهي، جو اها مزاحمت کان سواءِ رهي نہ ٿي سگهي ۽ هن جي مزاحمت ايڏي حُسناڪ ۽ لطيف آهي، جو اها محبت کان سواءِ ٻيو ڪوبہ هٿيار نہ ٿي رکي. هن وٽ مزاحمت آهي، هر ان شيءَ لاءِ جيڪا محبت، حسن ۽ ماڻهپي لاءِ خطرو هجي. ”ٿُوهر جي ٿڃ“ ، ”او امان!“، ”اڙي دل!“، ”جلاوطن“، ”رڳو ٿر جي صحرا تي . . . “، آگسٽ 1983ع ۾ ”مان هليو چو ويس“ جهڙا نظم سنڌ جي مزاحمتي شاعريءَ جي آسمان تي سدا چمڪندڙ انهن ستارن جيان آهن، جيڪي ڏينهن جي چٽيءَ اس ۾ نظرن کان اوجهل تہ ٿي سگهن

ٿا پر اونداهه جي هر رات کي اهو احساس ڏيارڻ جي سگهه رکن ٿا ته اهي چمڪي رهيا آهن ۽ سڄي ڪائنات جي ”اوندهه“ گڏجي به کيس وسائي نه ٿي سگهي. آڪاش جي شاعريءَ ۾ محبت جو تصور به ڏاڍو منفرد آهي هن وٽ سنڌ جي تصور جا عجيب ۽ مختلف رنگ آهن، ڪٿي وڇوڙي کان وڌيڪ ”وصل“ ۾ ويساهه رکندڙ شاعر نظر اچي ٿو، جڏهن هو چوي ٿو:

هاڻي ته آڪاش جي اوٽ ۾،
آسماني ڏيئا پڻ اجهامي ويا.
سمهي پيا ستارا، ٿي جهيڻا جَهڪا،
ڪڏهانڪر ڪتين ڪَرَ موڙي ڇڏيا،
مگر انتظارن سندا قافلا،
ٿيا ڪين ٿڪجي ڪڏهن چُور چُور،
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.

ساگر جي هُن پار، ٻيڙيءَ ۾ ملاح،
سامونديءَ جا سڀ بيت ڳائي ڇڏيا،
۽ ڪناري جي واريءَ جي لهرن اندر،
هوائن به سرگرم لڪائي ڇڏيا،
ولهه ورچي ڇڏيو، پنهنجي سارو سُرور،
مگر دل هي پاڳل مڃي ڪين مُور،
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.

محبوب کي ياد ڪرڻ يا وسارڻ جي ڳالهه ڪرڻ ٻنهي ۾ حُجت جو پهلو هجي ٿو پر ٻنهي حُجتن جو رنگ آڪاش وٽ ڏاڍو نرالو آهي، جيئن هن چيو آهي:

جڏهن به، توکي وسارڻ چاهيم،
تنهنجي هر ياد،
سُڪل ٻير جي ٽاريءَ وانگر،
ذهن ۽ روح جي ريشم سان وچڙي پئي آ.

منهنجي دل مون سان وڙهي پئي آ.

آڪاش جي شاعريءَ ۾ محبت ۽ مزاحمت جا سڀ رستا انقلاب ڏانهن وڃن ٿا محبت ۽ مزاحمت جيان هن وٽ انقلاب جو تصور به محدود ۽ روايتي نه آهي. انقلاب، آڪاش جي شاعري جو وڏي ۾ وڏو رومانس آهي. اهو انقلاب جيڪو سدائين انسان جي عظيم آدرش ۽ خواب رهيو آهي. اهو انقلاب جنهن کي آڪاش پنهنجي شاعريءَ ۾ ڪڏهن علامتي طور پنهنجو "محبوب" ٿو سمجهي ته ڪڏهن ان کي "آئيندي" ۽ "سپني"جو نالو ٿو ڏئي،اهو انقلاب جنهن سان هن جي محبت ۽ حُجتن جو سُٻنڌ آهي، هو چوي ٿو:

ٻڌاءِ!
تون اجا ڪڏهن ايندين؟
هزار وار، ٻاٽ جون چُنريون،
رات جي ڇاتي سان سرڪيون آهن،
اسان جو راهه مسافر ۽ بيقرار دليون،
پوهه جي رات کي پرهه سمجهي،
ڪُوڙي آٽت مٿي جرڪيون آهن،
ٻڌاءِ! تون اجان ڪڏهن ايندين؟

يا جيئن هڪ هنڌ چوي ٿو:
اي اسان جا اڻ ڏٺل،
صدين کان رُتل،
خواب جهڙا آئيندا!
تنهنجو ڏنڌلو ڪو تصور رڳو محسوس ڪري،
متان تون سمجهين،
توکي ماڻڻ لئه،
اسان متقل ۾ ڪري ماٺ رهيا هونداسين،
نه تنهنجي لاءِ ڪا ويڙهاند وڙهيا هونداسين،
۽ تنهنجي چاهه جي خواهش ۾ توکي ڳولڻ لئه،
پنهنجي ٿوهر پريل راهن تان ٿريا هونداسين،

متان تون سمجهين، توکي پائڻ لئہ،
اسان جو روح رتوچاڻ ڪين ٿيو هوندو،
۽ تُنهنجي مُکَ کي منور ڪرڻ جي آس ڪڻ،
اسان جو چاھ پيو چانداڻ ڪين ٿيو هوندو.

آڪاش هڪ مزاحمتي شاعر هئڻ باوجود، پليجي صاحب جي لفظن ۾ ”هڪ عام ۽ روايتي باغي شاعر کان گهڻو ۽ تمام گهڻو مٿيرو بيٺل ٿو لڳي“ آڪاش جي شاعريءَ ۾ اعلیٰ سطحیٰ جو تاريخي شعور موجود آهي ۽ دراصل اهو عالمي تاريخي شعور ئي آهي، جيڪو ڪيس محبت ۽ مزاحمت جي گسن کان ٿيندو انقلاب جي وسيع شاهراھ ڏانهن وٺي وڃي ٿو، ڪولرج، جيڪو هڪ وڏو مغربي ادبي نقاد هو، تنهنجي چوڻ موجب، وڏي شاعر جي پرک جو هڪ معيار اهو بہ آهي تہ ڏٺو وڃي تہ ان جي شاعريءَ ۾ تاريخ جو ڪيترو گهرو ادارڪ ۽ ان جا محرڪ موجود آهن. آڪاش جي شاعريءَ ۾ نہ رڳو سنڌ ۽ عالمي انساني سماج جو تاريخي شعور پنهنجيءَ سموري شدت سان موجود آهي پر ان ۾ اهي سمورا مُحرڪ بہ موجود آهن، جيڪي هر دور ۾ سٺي ۽ اعلیٰ شاعريءَ سان گڏ سفر ڪندا رهيا آهن. آڪاش جي شاعريءَ ۾ تاريخ هڪ ڪردار بہ آهي، تاريخ اتساھ جو ذريعو بہ آهي. (پڙهو نظم: تاريخ جو هڪ نقطو) اها چيڙائيندڙ ۽ چٽرون ڪندڙ بہ آهي تہ اها هڪ احساس ۽ الميو بہ آهي. هن جي شاعريءَ ۾ ”تاريخ“ سان بغاوت جا اهڃاڻ بہ آهن تہ ان جي نئين دور جي تخليق جي اون بہ آهي ۽ اهو دراصل هن جي تاريخ جو گهرو ادارڪ ئي آهي، جيڪو ”تاريخ“ بابت ايتيرا همہ گير رويا تخليق ڪرڻ جو محرڪ بڻجي ٿو. آڪاش جي شاعريءَ ۾ جتي پنهنجي ديس جي درد جي دانهن آهي، اتي درد جي دلبريءَ ۽ رهبريءَ جا داستان بہ آهن، ڪيڏن نہ سادن لفظن ۾ هن سنڌ جي صدين جي درد جو اظهار ڪيو آهي. هو چوي ٿو:

پنهنجي لاءِ تہ او پاڳل من،
ڪاٿونيا پيو ڪارا نڪتا،
پنهنجا ڀاڳ نيارا نڪتا.
يا ٻئي هنڌ هو چوي ٿو:

اڙي دل، اڙي دل!

انهن ڏي ٻه هل!
جن جي نيڻن ۾ ناهي ڪو سپنو سَجيل،
جن لئه ميگها جي رُتِ ڪي منع آ ٿيل،
جن جا سپ ياڳ،
ڪاهوءَ جيان اجڙيل،
جن جو هر ماڳُ،
رڻ ڪڇ جي واري تتل،
ها انهن ڏي ٻه هل.
جن جي نيڻن جي مڪليءَ جي مدفون ۾،
رڳو چندبَ آسن جا لاشا ڍڪيل،
جن تي،
دردن ۽ سُورن جا ڪتبا لکيل،
هل انهن ڏي ٻه هل.

آڪاش جي شاعريءَ ۾ چاڪاڻ ته درد، تاريخ جي شعور ۽ ان جي تخليقي مُحرڪن سان سلهاڙيل آهي. ان ڪري اهو روايتي طور مايوس ڪرڻ بدران اتساهه ۽ جوت جو سبب بڻجي ٿو، تانگهه ۽ جدوجهد جو بنياد بڻجي ٿو. آڪاش جي شاعريءَ ۾ درد، سگهه جو سرچشمو ۽ سفر جو سُونهون آهي. آڪاش جي شاعريءَ ۾ درد جي موٽ، ڏاڍي مُوهيندڙ اتساهه ڏيکاريندڙ زندگيءَ ۾ ويساهه موٽائيندڙ ۽ نرالي آهي. هن وٽ درد جي موٽ جا ڪجهه انداز ڏسو:

اسان جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي!
ته ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٽي.
جڏهن منهنجا جهانگي ، نه جهوريءَ ۾ جهرندا،
ٻري نه ٻڪرار جا ٻار ٻَرندا،
سُڪي سڪٽي ٿيندي نه جيجل جي ڇاتي،
ته ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٽي.

•

هڪ سپنو
جنهن جي ساپيان خاطر،
پنهنجي نيڻن جي صليبن تي ٽنگيل،
سوين سپنن کي گهُٽا ڏيئي اسان ساريو آ،
پاڻ تي ظلم ڪري پاڻ کي جياريو آ.

آڪاش روايتي معنائن ۾ ”عوامي شاعر“ نہ آهي ۽ نہ ئي هو وچين طبقي جي انهن ”انقلابي“ شاعرن وانگر آهي، جن وٽ عوام لاءِ پري کان بيٺل پاڇي جهڙي همدردي ۽ ڏيکاءُ وارو پيار هوندو آهي. اهوئي سبب آهي جو آڪاش، عوام ۽ پورهيت طبقي جو همدرد نہ پر سندن ڏکن، ڏولارن ۽ دردن جو ڏٺي ۽ ويچ شاعر آهي. هن جي شاعريءَ ۾ جتي عوام جي صدين کان هلندڙ اٿهوند، بيوسيءَ جا جيئرا احساس آهن.

مثلا.

. . . ۽ گهر جي گُندي،
سَندِ سدائين،
ڪين ڪري تي پيٽ،
لڳي تو هيل بہ رهبو ليٽ.

تہ ساڳي وقت ان کان نجات جا چٽا گس ۽ پنڌ ۽ انهن پنڌن جا رند بہ آهن ۽ ظاهر آهي تہ اهو پنڌ آزادي، آجپي ۽ انقلابي کان سواءِ ٻيو ڪهڙو تي سگهي ٿو. آڪاش جي شاعري ۾ ان اؤکي سفر جو سمورو سامان موجود آهي يعني درد، درد ۽ شعور جي ڪُکِ مان جنم وٺندڙ احساس، احساسن جي سيڙپ ۽ مقصد جي چٽائي ۽ ان ڏس ۾ پنڌ ۽ مسلسل پنڌ جنهن جي راهہ ۾ ڪڏهن بہ ورچي نہ ويهجي.

فني لحاظ کان آڪاش جي شاعري، هڪ پختي شاعر ۽ ميچوئر فنڪار جو سگهارو اظهار آهي. مولوي احمد ملاح جي شهر بدين ۽ لاڙ جي پس منظر سبب هن جي ٻولي، هونئي ئي سريلي ۽ چس واري آهي. هن جي ٻولي ۾ لاڙ جي لهجي جو حسن ۽ ان جي ماحول جا سڀ فطري ڪردار ۽ سماجياتي توڙي جمالياتي رويا ملن ٿا. هونئن تہ هن نظم، گيت، غزل، وائي، ٽيڙو، نثر ۽ آزاد نظم جي سمورين صنفن تي طبع آزمائي ڪئي آهي پر آڪاش فارم جي لحاظ کان بنيادي طور آزاد نظم جو شاعر آهي. ان وٽ اڪثر نظم، آزاد نظم ۽ نثري نظم پنهنجي فارم جي مڪمل پختگيءَ ردم، رواني‌ءَ ۽ نازڪ مزاجي سان گڏ موجود آهن. آڪاش جا آزاد نظم نهايت خوبصورتيءَ سان ڳايا ويا

آهن. هن جي شاعريءَ فني لحاظ کان جتي ترڪيبن جا نوان نوان تجربا ملن ٿا، اتي انوکين تشبيهن ۽ منظر نگاريءَ جا رنگ ملن ٿا. هن جون ڪجهه خوبصورت تشبيهون ڏسو:

چانڊني راتين ۾ چئونرن جي اڳيان ها چمڪندا،
چڻ ته سيوهاڻيءَ جي ميلي ۾ پيل تازا ڦلا.

خواب سڀ سارا ٽٽا،
وقت جي ڪا وڄ ڪري،
تاريخ جا تارا ٽُٽا،
۽ آسمان ڏرٽيون ڪيون،
ڪنهن نانگ ڪاڏل مڇريل گهوڙي جيان،
ڏرتتيءَ ڏٽيون هيون. . . .

❖

زندگي جي ذليل گهڙين ۾،
ضياءَ جي موت جي خبر آهين،
منهنجي هوندي به تون منهنجو ناهين،
تون به چڻ سنڌ جو شهر آهين.

❖

وقت آ جهنگلي مڇريل گهوڙو.

❖

اوهان جي اکين ۾ ڪي ارغون هئا،
اسان جي هئي دل، سنڌ ڌرتيءَ جيان

❖

پنهنجي هر آتما ڪنگال ڪري،
ڪدي ڏيوالو پنهنجي لُڙڪن جو،
پاڻ کي حال مان بي حال ڪري،
انهيءَ سپني کي،

انهيءَ خواب ڪي ماڻ خاطر،
اياڳي نينگريءَ جي،
ڪنهن لڪل گناه جيان،
پنهنجي ويري شعور جي ڪُکِ ۾،
نپايو، تاتيو، پاليو آ.
رڳو هڪ سپني جي ساپيان خاطر،
ڪيڏو ڏُکڙو اسان جاليو آ.

❖

سرءُ جي رات جي ڪنهن آخري تاري وانگر،
ڦٽل ”پراڻ“ جي درياءَ جي ڪناري وانگر،
اَڻ سمجهه ٻار اپاهج جي اشاري وانگر،
تنهنجو آڪاش هو اڻپورو، اڌورو، اجڙيل،
رُڃن جي ماريل رولاڪ مسافر وانگر.
وڇوڙي رات جي ويلي جيان وياڪل وياڪل.

❖

ڪنهن روپ ڪئي روح ۾ ريشم رفو ڳري،
نہ تہ شام ويل مڪليءَ جو منظر هجان ها مان.

سنڌ جي ويجهي ماضي جيان آڪاش جي شاعريءَ جا بہ ٻہ مختلف دور آهن. هڪ اهو دور آهي جنهن جو ذڪر آڪاش جي شاعريءَ جي پسِ منظر ۾ مٿي ڪيو ويو آهي. اهو آڪاش جيڪو سراپا باهہ آهي، هٺيلو ۽ بي پرواهہ آهي، جيڪو پوئتي موٽڻ تہ ٺهيو پر ان جي گمان تي بہ ويچارڻ لاءِ تيار نہ آهي، جيڪو تاريخ ۽ انقلاب سان سڌيءَ ريت هم ڪلام ٿيڻ جي همت ڪري ٿو ۽ انهن ڪان اتساهہ وٺڻ بدران ڪين اتساهي ٿو – پر آڪاش جي ٻي دور جي شاعريءَ جو رنگ ۽ مزاج ٻيو آهي، اُها شاعريءَ بہ ڪجهہ هن ڪتاب ۾ شامل ڪئي وئي آهي. هن دور جي آڪاش جي شاعريءَ ۾ وقت جي ڇيچ مان زندگيءَ جي ڇلي ڳهر ڳهلي ٿيڻ جو خوف ملي ٿو. سندس هن دور جي شاعريءَ ۾ وڇوڙن ۽ ولولي نہ رهڻ جا اعتراف آهن. ”راٺي“ جي رُسڻ جون ڳالهيون آهن، هن جي نَون گيتن ۾ هوائون، خوشبون، ۽ بادل ماٺا نہ ٿا ڪن، ٻيو تہ ٺهيو آڪاش

جي دل ۾ ماڻا تتي ڪري، هي اهو دور آهي، جنهنجي عڪاسي، آڪاش پاڻ هنن لفظن ۾ ڪري ٿو:

خبر نہ آهي؟
ڪهڙي سامريءَ جي سازش آ،
پاڻ پند پھڻ ٿي پيا آهيون،
پنهنجي لُتجڻ سندو احساس پڻ لُتجي ويو آ،
اسان ڀين ڪان ڀڏون ٿا تہ،
لُٽيا ويا آهيون.
ڪو نہ نعرو، نڪو ماتم، نڪو ملال آ،
اکين جي تر مٿان اهڙو ڏڪار ڇانيل آ،
جو ڪوئي لُڙڪ لُڙي سان تہ وڏي ڳالهہ آهي!

رڳو سُڏڪو ۾ سُٽڻ لاءِ سڪي ويا آهيون. ۽ اهو فرق رڳو آڪاش جي شاعري ۾ ناهي دراصل اهو هن دور جو الميو آهي. جنهن جا عڪس اسان کي هن جي شاعريءَ ۾ ملن ٿا. پنهنجي آفاقي نظم:" اڌورا- اڌورا" ۾ آڪاش علامتي انداز ۾ ان جو نهايت خوبصورت اظهار ۾ ڪيو آهي، نظم جون ڪجهہ سٽون آهن:
نہ تارڪ ٿي دنيا هي تياڳي سگهياسين،
جهان جو ۾ جهنجهٽ نہ جهاڳي سگهياسين،
عمر اڌ، اڻ ڪٿ عبادت ۾ ويئي،
۽ باقي بُتن ڪان بغاوت ۾ ويئي،
خدا پڻ نہ مليو نہ ان جي خدائي،
او آڪاش! جندڙي ائين وئي اجائي،
۽ ڳولا جي رڻ ۾ رُلياسين اڌورا،
اسان بس رهياسين اڌورا اڌورا.
بهرحال سنڌ جي تاريخ ۽ ان جي پس منظر ۾، آڪاش جي شاعري هڪ عجيب دور مان گذري رهيون آهن. ڪالهہ آڪاش "اڻ ڏٺل ۽ رڳو محسوس ڪيل آئيندي" سان مخاطب

ٽيندو هو ۽ ان کان سوال ڪندو هو "ٻڌاءِ پلا تون ڪڏهن ايندين؟" هو پنهنجي "منزل" ۽ "محبوب" کي نہ وساري سگهڻ جا اعتراف ڪندو هو. پوپٽن کي مخاطب ٿي کين هن ڏُکي ديس ۾ نہ اچڻ جو وينتيون ڪندو هو، جلاوطن، رهڻ کان سڌو انڪار ڪندو هو، مٽيءَ جي خوشبوءَ جون ڳالهيون ڪندو هو ۽ پنهنجي دل جي سرڪش گهوڙي جون واڳون ديس جي درد جي وارياسي ڏي موڙڻ جا وچن ڪندو هو ، "هڪ سپني جي ساپيان خاطر" سڀ ڪجهہ قربان ڪرڻ جا درس ڏيندو هو، "سورج جون ڏند ڪٿائون" ۽ تاريخ جا نقطا بيان ڪندو هو ۽ پنهنجي پرينءَ کي قيدخانن جي ڪشش ۽ دار جي درد جي لذت جا داستان ٻڌائيندو هو- اڄ اهو آڪاش اعتراف ٿو ڪري تہ:

توسان چاهت ۽ چرپڙ بہ گهٽبا وڃن،
دل جا آرا ۽ ارپڻ بہ گهٽبا وڃن،
۽ وڇوڙن ۾ ناهي رهيو وَلولو،
يارَ جلدي ملو.

يا اهو اجا بہ وڌيڪ تلخ اظهار ڪري ٿو:

سُور جي سرحد،
ڏٺي آ ڪنهن پلا،
هيءَ دنيا،
دائرو آ درد جو،
جنهن ۾ ماڻهو،
موت جي کوھ جي،
مداريءَ جيئن مسلسل،
پيو ڦري:
هر ڪنهن ڇهري تي،
لڪيل آهي فسانو فرد جو،
هيءَ دنيا،
پنهنجي ڪم جي ڪين آ:

هي بسيرو آهي بس
بي حس ۽ بي درد جو.
سو زندگي!
توسان گذاريوسين ائين،
جيئن نڪاح
زوري ڪجي نامرد جو.

هڪ فنڪار جي زندگيءَ ۾ مختلف ۽ عجيب و غريب دور ايندا آهن ۽ اِهو سڀ فطري عمل آهي. وقت جو واهڙ ڪنهن به وَهڻ ڪان بس نه ڪندو. ڪڏهن تيزيءَ سان ۽ ڪڏهن آهستي، دنيا ڪالهه به بدلي هئي، اڄ به بدلجي پئي ۽ سڀاڻي به بدلبي ۽ اوس بدلبي، جن خوابن صدين تائين سفر ڪيو آهي، اهي ڪڏهن به بي معنيٰ نه ٿا ٿي سگهن، رڳو ان ڪي بدلائڻ وارو درد سلامت هجي ۽ مان پڪ سان چئي سگهان ٿو ته آڪاش جي شاعري ۾ اهو درد اڄ به سلامت آهي.

## جامي چانڊيو

حيدرآباد- سنڌ
16 فيبروري 2000ع

# جلاوطن

يٽڪي پنهنجو ڏگ وڃي، جيئن ڪو پکيئڙو منجهه گگن،
نہ جنهن جو ڪوئي آهيرو، نہ آشيانو ۽ چمن ،
مان بہ پنهنجي ديس ۾، آهيان اڪيلو اوپرو،
جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن.

روز ٿو زهر پيان، مرا جيان، جيان مران،
ڄڻ ڪلاچي ڪُن ۾، ٻڏان تران ٻڏان تران،
يا ڏيول جي ڏيپ جيئن، اجهان ٻران اجهان ٻران،
ڄڻ صليب تي ٽنگيل، ڪو سرد مان هجان بدن،

نہ منهنجو ڄڻ هي ماڳ آ، نہ منهنجو ڄڻ مڪان آ،
نہ منهنجي ڄڻ هي نگري آ، نہ منهنجو آستان آ،
نہ منهنجي ڄڻ هي ڌرتي آ، نہ منهنجو آسمان آ،
ڄڻ هجان تاريخ جي، مان لاش جو ميرو ڪفن،
جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن، جلاوطن.

جا مُرڪ مونکان وئي کسي، تنهن مُرڪ جو آهي قسم،
مان رت رُنس جو ظالمو! تنهن لُڙڪ جو آهي قسم،
جيجل جي منڙي ٿڃ جي هر سُرڪ جو آهي قسم،
پلئہ ڪندس، پلئہ ڪندس، اي وقت! توسان آ وچن،
مان ڪيئن رهان جلاوطن،
مان ڪيئن رهان جلاوطن.

# پنهنجي آئيندي جي نالي

اي اسان جا اڻ ڏٺل!
صدين کان رُٺل،
خواب جهڙا آئيندا!
تنهنجو ڏنڊلو ڪو تصور رڳو محسوس ڪري،
متان تون سمجهين،
توکي ماڻڻ لئہ،
اسان مقتل ۾ ڪري مات رهيا هونداسين،
نہ تنهنجي لاءِ ڪا ويڙهاند وڙهيا هونداسين،
۽ تنهنجي چاهہ جي خواهش ۾ توکي،
ڳولڻ لئہ،
پنهنجي ٿوهر ڀريل راهن تان ٿڙيا هونداسين.

متان تون سمجهين، توکي پائڻ لئہ،
اسان جو روح رتوڇاڻ ڪين ٿيو هوندو،
۽ تنهنجي مک کي منور ڪرڻ جي آس ڪٽي،
اسان جو چاهہ ڀي چانڊاڻ ڪين ٿيو هوندو.

متان تون سمجهين، تو کي ڳائڻ لئہ،
اسان نہ ڪيڏاري مان بيت ڪوئي جهونگاريو،
اسان سچل جي هر هڪ گيت ۾ توکي ساريو،
اسان! نقاري جي هر چوٽ تي ديپڪ ڳائي،
قسم آ تنهنجو، اسان پنهنجو پاڻ کي ٻاريو.

اي اسان جا اڻ ڏٺل!
۽ رڳو محسوس ڪيل،
گل جهڙا معصوم پاڪ مستقبل!
جيئن پهرئين پيار کي،
ڪا نينگري محسوس ڪري،
اسان، ائين تنهنجي خوشبو ذري محسوس ڪري،
تولئه،
اونده سان، هر جُڳ ۾ آهي جنگ ڪئي،
اهڙي اونده،
اهڙي اونده!!
جنهن ۾ راڄ خوني چمڙن جو.
جتي، اسان جي بدن کي،
پٽيو آ ماڪوڙين،
۽ جتي،
موت کي به، موت جي تي باس اچي،
اهڙي خاموشي،
اهڙي خاموشي!
جتي ماٺ جو آواز اچي.
۽ انهيءَ ہاڻ ۾،
چہرن سندا ڦڙڪاٽ ڏسي،
تيز رولاڪ هوا جا سوين زوزاٽ ڏسي،
اسان نه، تنهنجي ڏيئي کي اجان اجهايو آ،
اسان ته تنهنجي لئه،
هر موڙ تي واجهايو آ.
اي اسان جا اڻ ڏٺل!
سپنن ۾ سجيل،
مور جهڙا مستقبل!

جڏهن اچين تون هتي،
پاڻ ئي پرڙا سوري،
ڪي مسافر، تون پنهنجي راه ۾
مئل جي ڏسين!
نيري آڪاش جي هيٺان سريون وڍيل
جي ڏسين
اسان جي پيار جي بي گور و ڪفن لاشن جون.
اکيون صدين کان،
پنهنجي ديد لئہ ڪليل جي ڏسين!
تہ پڪ ڄاڻجان
تہ پڪ ڄاڻجان،
ڪي تو لئہ مئا واجهائي،
تنهنجي آمد تي، انهي جشن جي خاطر آيا،
پنهنجي اکڙين سندي مکڙين منجهان
مالها ٺاهي،
۽ رڳو، تنهنجي تمنا ڪٽي ويا مُرجهائي
۽ رڳو، تنهنجي تمنا ڪٽي ويا مُرجهائي.

# اسان جي مئاسين

اسان جي مئاسين سفر ۾ او ساٿي!
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٽي.

اسان جو جڏهين خون خوشبو ٿي ايندو،
تہ ويڙها وطن جا بہ واسي ڇڏيندو،
جڏهين ٻارڙي ڪنهن، ڪئي ٻولي ٻاتي،
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٽي.

اسانجون هي ٻانهون، اسان جو نگاهون،
ازل کان لوچين ٿيون اهڙيون راهون،
انهيءَ ڪرت ۾ جي ڪُسي وياسين ڪاتي،
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٽي.

جڏهن منهنجا جهانگي، نہ جهوريءَ ۾ جُهرندا،
ٻَري ۾ نہ ٻڪرار جا ٻار ٻرندا،
سُڪي سڪٽي ٿيندي نہ جيجل جي ڇاتي،
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٽي.

جڏهين وڏ ڦڙو ڪو ولهارن تي وسندو،
مٿان پارڪر جي پنوهارن تي وسندو،
نہ رهندي ڪا مارئي، مارن لاءِ آتي،
تہ ماڻيندا منزل پنهنجا ڍول ڍاٽي.

# جڏهين ٻه توکي وسارڻ چاهيم

جڏهن ٻه،
توکي وسارڻ چاهيم
تنهنجي هر ياد،
سُڪل پير جي ٽاريءَ وانگر،
ذهن ۽ روح جي ريشم سان وچڙي پيئي آ،
منهنجي دل،
مون سان وڙهي پيئي آ.

جڏهن ٻه،
توکي وسارڻ چاهيم
تنهنجي هر ياد،
ڪنهن ڏاج جي جوڙي ۾ رچيل،
سدا ملوڪ، شوخ، شرميلي،
خمار ڳاڙهين خوشبوءِ وانگر،
چؤطرف من ۾ ٽڙي پيئي آ،
منهنجي دل،
مونسان وڙهي پيئي آ.

جڏهن ٻه،
توکي وسارڻ چاهيم،
تنهنجي هر ياد،
ڪينسر جي وارڊ ۾
لادوا مريض جيان،

دلاسڙن جي دوائن تي ڏتاريل دلڙي،
پنهنجي ويڇن سان وڙهي پيئي آ،
منهنجي دل،
مونسان وڙهي پيئي آ،
جڏهن ٻہ توکي وسارڻ چاهيم.

# جيون پانيان ٿو

جيون پانيان ٿو او جيڏا!
جذبن جي ڪا آهي جنگ،
جنهن ۾ ڪيئي ڪسندا رهندا.

ڪاڪ جي هاڪ وري پئي پڌجي،
ايندا شايد ڪي اڙپنگ،
ڪيئي راڻا رُسندا رهندا.

سوري تن لئہ سيج سجائي،
جي جو سوريءَ سان ٿيو سنگ،
گولين کان ڪي گُسندا رهندا.

ذات پٺيان ڪا ذات نہ ٿيندي،
جن کي ذات پئي هٽندي ڏنگ،
سي ئي ڏونگر ڏسندا رهندا.

تن جون اکيون اوجهر آليون،
جن وٽ نيهن جو آهي ننگ،
سي ئي پرين کي پسندا رهندا.

سورهيہ جي ڪن سپنن جهڙو،
آگم ڏاري پنهنجو انگ،
ولهارن تي وسندا رهندا.

# گهر جي گندي

هو جهونو هاري
جاڻ پڇائي،
جوڙو روڪي،
واٽ مان پاڻيءَ ڍڪ ڍوڪي،
اڌ اجهاڻل
ٻيهر ٻاري، سَتو ڪو سگريٽ،
چپن ۾ پڙڪي ٿو،
”ڪين چڱو ٿيو چيٽ“
”لڳي ٿو! هيل ٻہ رهيو ليٽ“

مٿان هر سال،
نَون مهينن تائين،
”ياڳل ڪائي ٿي ميٽ . . . !
لڳي ٿو هيل ٻہ رهبو ليٽ.

۽ گهر جي گُندي،
سنڌ سدائين،
ڪين ڪري ٿي پيٽ،
لڳي ٿو هيل ٻہ رهبو ليٽ.

# اڄ ماڻهو! ماڻهو! مورت آ

اڄ ماڻهو ماڻهو
مورت آ ڄڻ پٿر جي
انساني احساس الائي ڪاڏي ويا.

ها! ڪالهه اڃان،
چؤنرن جي مٿان،
تي چانديءَ جهڙا چنڊ ڪڙيا،
ڳالهه ڳالهه تي ڳوڻاٽن جا،
ڪيڏا چنچل ٽهڪ ٽڙيا،
هر هردي ۾ هيڪار هئي،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي من ۾،
ڄڻ مُگري جي مهڪار هئي،
اڄ وستيءَ وستيءَ ويراني آ،
واس الائي ڪاڏي ويا،
انساني احساس الائي ڪاڏي ويا.

ڪلهه چا ته چپر ۾ چيچ هئي،
چا تاري تاري تيج هئي،
آڪاش به هو جهرمر جهومر،
ڄڻ ڪنهن سوڍي جي سيج هئي،
چا حُب هئي چا هيج هئي،
اڄ اهڙائي آڪاش الائي ڪاڏي ويا،
انساني احساس الائي ڪاڏي ويا.

# اوچتو ئي اوچتو

پاڻ سنڌو ماتريءَ جا محبتي ماڻهو ميان!
ڪوڙ، ڪيني ۽ ڪدورت مان نڪي چاڙون ميان،
ڪالهه پنهنجو ماڳ هو ڪيڏو ملوڪ،
مرڪندڙ ماروئڻ جا مکڙا،
جَرڪندڙ جهانگهين جا جهوڪ،
ڏُوئي، دوکي ۽ دغا کان سدا خالي هئي،
پنهنجي  ننگريءَ نفرتن جي نانءَ نيڪالي هئي،

هُو ڍول مارو ڏيٺ جا، ڇا تن جون آڪاڙيون هيون،
ڄڻ ڪٽوريءَ ساڻ واسيل ڪير جون ڪاڙيون هيون،
چيڪي مٽيءَ ساڻ راڄيل،
اهي اڱڻ، اوتا، ٿلها،
چانڊني راتين ۾ چئونرن جي اڳيان ها چمڪندا،
ڄڻ ته سيوهاڻي جي ميلي ۾ پيل تازا ڦُلا.

۽ رات جو صوفين جي اوتارن مٿي،
جانجهه ۽ يڪتار جي تارن مٿي،
ڪنهن سنت جا اشلوڪ ڳائبا هيا،
روح جا سپ تڪ لاهيا هيا.
چئوسٽا ڏسا چوڙيلين جا ڇهڻا،
۽ ٺهڪڙن جا وڏ ڦڙا ڄڻ ٿي ويا،
۽ تڙ مٿي پانهيارين جا پيلهڙا،
تن جي پويان چانگون چانگون چيلڙا،
هو  پوريون پٽ تي پٽاريون ٿي چَريون،
گرڙ ۽ ڳگريون.

رات جي پوئين پهر، ڳوٺ جون ڳهريل ڳليون،
ڪيڏيون مُڌر، منڙيون لڳيون ٿي، مال جون مٽريون ٽليون،

ٻاجهرين جي کيت ۾ پنهنجو هر ڪنهن کي پيهو،
جهار هڪلڻ جي بهاني ڪو اشارو ۽ ليئو.

هُو بيل گاڏين جون قطارون ڇڄ جو شرميلو شور،
تيز وهڻن جا چڙا ۽ جهيٽي ڳيچن جي جهڪور،
ايءِ! منهنجو لاڏل، منهنجو ٻنرو، منهنجو راٺل، منهنجو مور،
سهرو ساڳيو سڀ ڪا ڳائي، پنهنجي پنهنجي دل جو چور.

پوءِ اوچتو ئي اوچتو!
رات هڪڙي خواب ۾ ڇا ٿا ڏسون!
پنهنجي سيني ۾ لڳو، ڪيئي فوٽن جو آ ڪنڊو،
۽ ان مٿي ڦڙڪي پيو ڪو ”سائو“ شيطاني جهنڊو،
ها اوچتو ئي اوچتو،
خواب سڀ سارا ٽُٽا،
وقت جي ڪا وڇ ڪِري،
تاريخ جا تارا ٽٽا،
۽ آسمان ڏرٽيون ڪيون،
ڪنهن نانگ ڪاڏل مچريل گهوڙيءَ جيان،
ڌر تتيءَ ڏرٽيون هنيون،
هر طرف کان هُل هُلا چو هو گيا هوڪار ٿي،
ٻاڪر ڪتو ٻاڪار ٿي،
ٻارڙا مائن جي سينن سان لڳي سمهي پيا،
منهنجي ويڙهيچن جي واديءَ جي مٿان يلغار ٿي،
اولهه، اتر، اوڀر، ڏکڻ کان قافلا ڪاهي پيا،
پٿرن جي دؤر جا وحشي ڪُتا،
ياجوج ۽ ماجوج جي اولاد جا ڪي سلسلا،
بڇڙا، ڪنا ۽ وات ڦاڙها بي حيا،
هر طرف اسلام زنده باد جا نعرا هڻي،
منتن اندر منهنجا سيئي شهر،
واهڻ، وستيون ۽ ڳوٺ ڳڙڪائي ويا،
جيڪو پُڇي ڇا هي ابا!؟

تنهن تي لتون، ٺونشا چنبا،
چئي،
چل! بي! جاهل ڪي نسل،
بڪتا هي ڪيا؟

۽ منهنجا مارو،
چڙ تہ ميلي ۾ وچايل ٻار جيئن،
وائڙا ٿي وائڙا ڏسندا رهيا.

سچ پڇين او سنڌ ماءُ!
هر گهڙي ڦٿڪون سڙون پيا،
بيوسيءَ جي باھ ۾،
ان ڏينهن ۽ لمحي مٿي لعنت جڏهين
وقت آڻي اڇليو آڙاھ ۾،
ڪيڏي ڪئي وئي رهزني
پاڻ سان هن راھ ۾،
اڄ بہ ماتم ٿا ڪريون ان مهل تي،
جنهن وقت پنهنجا سڀ ٻنيون ٻارا ويا،
منهنجي هوشوءَ جي قبر ڪاڏي وئي!؟
مورڙي جا ماڳ موچارا ويا،
پيو ٿهيو پر!
سنڌ جي آڪاش جا تارا بہ ويا.

# جڏهن ڪنهن ٻ بادل

جڏهين ڪنهن ٻ بادل، ولهاريون وساريون،
الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون ،
جڏهين چنڊ چوڏس ڪيون چلولايون،
الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.

جڏهين ڪنهن ٻ ڪوئل اسر ويل ڳايو،
تڏهين وِلهہ ويتر وڇوڙو وڌايو ،
جڏهين ماڪ مُڪڙيون پنيءَ جون پچايون،
الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.

جڏهين ڪيٽ ۾ ٻاجهرين سنگ واريا،
جڏهين چيٽ ۾ قول ڄاڻيي ڦُلايا،
جڏهين ٽر تي مورن ڪي ٻوليون ٻُرايون،
الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.

جڏهين تو سان نيڻن جو ناتو ڇِنو هو،
تڏهين دور آڪاش ڪيڏو رُنو هو،
جڏهين جيءُ جهورڻ هي آيون جدايون،
الئہ ڇو اوهان جون اکيون ياد آيون.

# تون تہ بيدرد بي قدر آهين

تون تہ  بيدرد، بيقدر آهين!
جيءَ ۾ پوءِ بہ جلوه گر آهين.

زندگيءَ جي ذليل گهڙين ۾،
ضياءَ جي موت جي خبر آهين.

منهنجي هوندي بہ تون منهنجو ناهين،
تون بہ  چڻ سنڌ جو  شهر  آهين.

پڇين ٿو حال! ”ڪيئن پئي گذري؟“
ڪيڏو  سادو  ۽  بي خبر  آهين.

# ٽوھر جي ٽج

ٻڌايو! فتوا فروشن جي پيشوائن کي،
منافقن جي گروهن جي سربراهن کي،
خاڪي ورديءَ جي خود ساخته خدائن کي

وقت قيامت جو ڪين قائل آ،
قيامتن کان هي انصاف ڪين ٿي سگهندا،
اسان سان هاڻ حديثن جي ڪا حجت نه ڪريو،
شريعتن سان هِنيان صاف ڪين ٿي سگهندا.

هاڻ پتڪن جي ورن جو اهو وچن آهي،
سسئي جي سيج لٽڻ جو ته سور سهسايو،
پر ڀنيورن جا قتل معاف ڪين ٿي سگهندا،
اسين ٽوهر جي ٽج پي ته سگهون ٿا ليڪن،
ٿر جي مورن جا قتل معاف ڪين ٿي سگهندا،
ڇاڇر شورن جا قتل معاف ڪين سگهندا.

*(ٿوڙي ڦاٽڪ واري واقعي کان متاثر ٿي لکيل)*

# آڪاٽي

ننديپڻ ۾ هڪ رات پاڙي جي ناني،
سين ٻارڙن کي سڻائي ڪهاڻي،
جڳا در ڪنهن جوڳيءَ جو قصو هيو،
رڻ جي ڪنهن روڳي جو قصو هيو،
والا ڪنن ۾ ۽ گيڙو جو گاؤن،
ٻگريءَ ۾ جنهن جي پَتون ۽ ٻلائون،
ڳچيءَ ۾ هو پائيندو نانگن جي مالها،
اکيون ٽامڻيون چڻ ته ٻرندڙ مشالا،
ڪفني ڪلهن ۾ ڪَراين ڪڙولا،
ڪاپڙيءَ کي خبر ناهي ڪنهن هئي ڳولا،
بدن تي پيوتي ڪي زنجير زيريون،
هڻ ڪڻ هزارين هن پاڻ هيريون.

ڇهه مهينا سچا سارا سمهندو هيو.
۽ ڇهه مهينا گرنار گهمندو هيو.
سنگچور جو زهر پيئندو هيو.
زهر پي ٻه جوڳي هو جيئندو هيو.
جيتوڻيڪ هاڻي اچي ويئي جواني،
ڪڏهانڪر مري ويئي پاڙي جي ناني،
مگر ساڳي هلندي اچي تي ڪهاڻي.

تون سوچين ٿو ايءَ ڳالهه آهي اجائي!
مگر ڳالهه ۾ ڏاڍي آهي سچائي،
اسان ۾ اهي ساڳيا جوڳي ته ناهيون؟
پنهنجي روحن جي رڻ پٽ جا روڳي ته ناهيون؟

اسان جي بہ بگرين بلائون نہ آهن ؟
اسان تي چا هڻ ڪڻ هلاؤن نہ آهن؟
اسان جي ٻچيءَ ۾ بہ واسينگ ويڙهيل،
۽ ڪوراڙ ڪپرن ۾ گرنار گهيريل،
ڪراين ڏي ڏس! ساٻيا ناهن ڪڙولا،
رڏن جون رجون ساڳيون راتيون ۽ رولا!؟
نڪو ياڳ ويراڳ ۽ ماڳ جو،
فرق آ رڳو جوڳ ۽ جاڳ جو،
هو جوڳي تہ سمهندو هو اڌ سال ڪُل،
مگر پاڻ آهيون صدين ڪان سُتل،
مگر پاڻ آهيون صدين ڪان سُتل.

# وقت آ جهنگلي مڇريل گهوڙو

وقت آ جهنگلي مڇريل گهوڙو،
جنهن جي هڻڪار سان،
ڌرتي سندو سينو ڌڙڪي.

جنهن جي تيزيءَ کي،
هوائون ڪڏهين ڇُهي نہ سگهن،
جنهن جي چُستي اڳيان
طوفان جي هستي ڌڙڪي،
جنهن جي دهشت اڳيان
وحشت جو پڻ گردن لڙڪي
جنهن جي ناسن مان ڇڻ
ڪا باهہ زال جي پڙڪي
جنهن جي رفتار ڇڻ
سيلاب ۾ سنڌو ڪڙڪي.

ها مگر پوءِ بہ عقل جا ويري،
فهم، فڪر ونظر جا دشمن،
آيا آهن اڄ وري سائين!
پنهنجي ڪوڙي انا بچائڻ لئہ،
رات جي رُت تي هسواري ڪري،
ڏينهن جي شينهن کي ڪُهائڻ لئہ،
پنهنجي خوشفهمين جا ڪارا ڪٽي،

وقت جي سج کي لڪائڻ لئہ.

دوستو! ڪوئي ٻڌائي تن کي،
وقت آ جهنگلي مڇريل گهوڙو،
جنهن کي واڳڻ بہ ڪو چاهي تہ نہ واڳي سگهندو،
وقت آ وهڪرو
تاريخ جي سمونڊن جو،
جنهن کي جهاڳڻ بہ ڪو چاهي تہ نہ جهاڳي سگهندو،
وقت آ جهنگلي مڇريل گهوڙو.

(1980ع)

## ۏُٽي جي ولهه راتڙي

ۏُٽي جي ولهه راتڙي،
ٽڏو سارو ٽر،
ڪجليا! توبن ڪيئن ڪريان؟

مَريڙن منهن ڪِڍيا،
ليٽي پيا لُل،
ڪجليا! توبن ڪيئن ڪريان؟

هر ڪنهن پڙو پَٽ جو،
هر ڪنهن واڙ ولر،
ڪجليا! توبن ڪيئن ڪريان؟

ڪوڙهيو ڪارونجهر لڳي،
پوڙهو پدماسر
ڪجليا! توبن ڪيئن ڪريان؟

تون ڏورانهين ڏيهه ۾،
ڪُتين رو ڍِ پٽر،
ڪجليا! تو بن ڪيئن ڪريان؟

---

پدماسر: ڪارونجهر جو هڪ آبشار

# تون ايندين ضرور!

هاڻي ته آڪاش جي اوٽ ۾،
آسماني ڏيئا پڻ اجهامي ويا.
سمهي پيا ستارا، ٿي جهيڻا جَهڪا،
ڪڏهانڪر ڪتين ڪر موڙي ڇڏيا،
مگر انتظارن سندا قافلا،
ٿيا ڪين ٿڪجي ڪڏهين چُور چُور،
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.

ساگر جي هن پار ٻيڙي ۾ ملاح،
ساموندڙيءَ جا سڀ بيت ڳائي ڇڏيا،
۽ ڪناري جي واريءَ جي لهرن اندر،
هوائن ٻه سرگم لڪائي ڇڏيا،
ولهه ورچي ڇڏيو پنهنجو سارو سُرور،
مگر دل هي پاڳل مڃي ڪين مُور،
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.

ڪو پنڇي اڪيلو اڪيلو اڏامي،
ڪينجهر ڪنڌي تي لهي پيو ٿڪي،
نڪو چنڊ چمڪو نه چَهڪي چڪور،
انهن لاءِ پڻ رات گذري چُڪي،
۽ ڪنولن مٿان ننڊ نائي وئي نور،
مگر دل هي پاڳل مڃي ڪين مُور،
تون ايندين، تون ايندين، تون ايندين ضرور.

# ڪوتن ڪي ٻڌائي ڇڏ ماجرا!

هن ديس جي پوپٽن جي اڳيان،
ڪنڊ ڪهڙو ڪٽون!؟
هام ڪهڙي هڻون!؟

هنن ڪي ڏسي جيءُ جهڄندو رهيو،
ڪيڏا پياسا ٿا پتڪن اهي پتڪڙا،
گلن جي مٺاسن ڪان محرومڙا،
اٻالا رهيا ٿر جي ٻارن جيان،
تن معشوقرن ڪي ڏيون پي چا؟

لُڪ هاڻيون ليون!؟
توهرن جا ڪنڊا!؟
ڪيئن آچيون انهن ڪي
آرهڙ جا ساڙيل
اگهاڙا، اگهاڙا هي ڪانديرڙا!؟
ڪوتن ڪي ٻڌائي ڇڏ ماجرا.

اسان وٽ نہ ايندا ڪريو پتڪڙا!
اسان وٽ تہ سانوڻ بہ صدين ڪنان،
رڳو سور جا ٿو ڦلاري سَلا،
ڪوبہ مُگرو نہ آ،
ڪوبہ موتيو نہ آ،
چنبيلي ڪڏهين
واس اوتيو نہ آ،
هيءَ وستي تہ ورهن ڪان ويران آ.

مدتن کان هتي مند ماتام آ.
پتڪڙا پوپٽئو؟
ڪين دل ۾ ڪجو!
اسان جا سيئي باغ ڀيلاڙ ٿيا،
ساري ڦلواڙ ڦرجي اسان کان وئي،
ڦول وڪجي ويا،
اسان خود بهارن لئہ ڀٽڪون پيا،
اسان خود بهارن لئہ ڀٽڪون پيا.

---

# جيڪي ماڻيو اٿئون!!

وقت جو ويڻ جيسين وهائي ٿئو،
گهاءُ غم جو جيسين گُهمائي ٿئو،
جيسين جيون جو پيالو هي پَلٽي ٿئو،
زندگي! زهر پي، زهر پي، زهر پي.

ان ڪِڙيا آسرا، آٿتون اڻ مَيون،
مامرا مونجهه، منزل جون محروميون،
ڪائناتن وڏو جيڪي ڪشڪول ۾،
سوئي سيڪجهه اٿئي، سوئي سمجهج ثمر،
زندگي! زهر پي، زهر پي، زهر پي.

پاڻ کي جا پُکي ۾ رڳو پياس هئي،
سي وره ۽ وڇوڙا، وڏي راس هئي،
اجن جا املهه ڏاڍا احساس اٿئي!
جيڪي ماڻيو نہ ٿئي، تنهنجو ماتم نہ ڪر،
زندگي! زهر پي، زهر پي، زهر پي.

موت جو نيٺ محصول پرڻو تہ آ،
هي جو آڪاش ويو، هاڻ ورڻو نہ آ،
پر چُکن تائين جڳ کان وسرڻو نہ آ،
ذات جو ڏيهه ۾ ڪين ٿيندو ڦُڪر،
زندگي! زهر پي، زهر پي، زهر پي.

# اڙي عشق!

اڙي عشق! تو وٽ وري پيو اچان،
خودڪشي، زندگيءَ ڪان پري آ اچان،

جڏهين پي تو هٿ مان آ هٿڙو ڪڍيو،
هٿن جي لڪيرن سان ورچيو پوان.

اوهان جي اکين ۾ ڪي ارغون هئا،
اسان جي هئي دل، سنڌ ڌرتي جيان.

جن جي قسمت ۾ دوزخ ڌُريان ئي لکيو،
او خدا! ڪيئين توڪي چون مهربان.

او سقراط! هڪ سُرڪ جي ها پرين،
زندگيءَ جي زهر جي، مجان ها ميان!

# موتين جهڙا ماڻهو

پنهنجا ياڳ نيارا نڪتا.

موتين جهڙا ماڻهو سائين!
ڪوڙا ڪچ ڪسارا نڪتا،
پنهنجا ياڳ نيارا نڪتا.

پنهنجي لاءِ تہ او پاڳل من،
ڪاٺونبا ٻي ڪارا نڪتا،
پنهنجا ياڳ نيارا نڪتا.

ڏاهن جي هن ڏيهہ سڄي ۾،
ديوانا ڊل وارا نڪتا،
پنهنجا ياڳ نيارا نڪتا.

ڪوئي دل ۾ درد نہ پوءِ بہ،
نيڻن مان نيسارا نڪتا،
پنهنجا ياڳ نيارا نڪتا.

سڪ وارن جو سوڳ ملهائڻ،
چنڊ ڪتيون ۽ تارا نڪتا،
پنهنجا ياڳ نيارا نڪتا.

پنهنجو پيار تہ پاپ نہ هو پوءِ
دشمن چو جڳ وارا نڪتا.
پنهنجا ياڳ نيارا نڪتا.

---

ڪاٺونبا: ٽر جو ڪٽ مٽ جهنگلي ميوو.

# فاضل جي شهادت تي

هي ڪنهن جو موت هو؟
جنهن تي،
سموري ڌرتيءَ جي،
پکين پڇاڙيو ۽ پوپٽن پريا سڏڪا.
ماڻهپي جي اکين جي اوٽ ۾،
پکڙيل بادل،
ميگهه جي مند ڪان اڳ برسي پيا،
ڳلن تي گرم لڙڪ پلٽي پيا،
گلن تي ماڪ رُني.
هي ڪنهن جي موت جي آ هاڪ،
جنهن ۾ باک رُني،

هي ڪنهن جو موت هو؟
جنهن تي سموري ڌرتيءَ جو
عذاب ڦٽڪي پيو،
ديل ڪان چال ۽ هرڻين ڪان چال وسري ويا،
سموري ڌرتي جي،
تاريخ جي استادن ڪان،
زوال لازوال جا سوال وسري ويا.

هي ڪنهن جو موت ؟
جنهن تي سموري ڌرتي جي،
لوفرن، ڪار منهن، بدمعاشن،
پنهنجي بي هوده ڪامرانيءَ تي،

وڃايون بغلون ۽ خوشفهمين جا ٿهڪ ڏنا،
هزارين روشني کي ويڻ ڏئي،
ٿي چيتا، سچ تي ڀڄيائون ڪُتا،
۽ ڪُتا!
جيڪي ڳيي جي موهه ۾،
پنهنجي هم نسلن کي،
چڏيندا چيري ۽ ڦاڙي آهن.

هي ڪنهن جو موت هو؟
جنهن تي سموري ڌرتيءَ جي،
وحشين، رهزنن ۽ جلادن،
نفرتن، ذلتن ۽ خواري جي،
آخري جام کي تجويز ڪيو،
پنهنجي تا ابد شڪستن نالي.

# بارگاهِ رسالت (صلي الله عليه وآله وسلم) ۾ هڪ ننڍڙو عرض

تون ﷺ آمنہ جي اکين جو تارو،
تون فاطمہ جو پدر پيارو!
نبي پيارا!
اسين تہ تنهنجي اُبوجهہ امت،
اسان تي تنهنجو عظيم تورو.
اسان لئہ تنهنجي مُلڪ جو ماڻهو،
پُريان ئي پوتر "عرب سڳورو"

مگر او مرسل (ﷺ)
معاف رکجان.
جڏهن بہ ڪوئي،
حجاج يوسف جو هم شڪل ۽
شمر يزيدن جو هم نسل ڪو
عرب سڳورو
وري اسان تي ڪري تورو.

جڏهن بہ ڪوئي،
ابوجهل جو عمامون اوڍي
ڪو اِبن ملجم،
عرب سڳورو
سخي لٽيرو
اُبوجهہ امت جي،
ڪنهن بہ آميءَ جي عصمتن جا ارهہ پٽي ٿو،
۽ مان ڏسان ٿو،
انهيءَ آميءَ جي ڪنواري ڪک مان،

جو ”اِبن آدم“ جنم وٺي ٿو
سو ابن مريم ٻلي نہ سڏجي،
ٻلي نہ مهدي ئي ڪوٺجي ٿو.

پر ايترو سو ضرور ٿئي ٿو
جو ڪجھ حديثن، هدايتن جو،
گهڻن عقيدن ۽ آيتن جو،
ڀرم ٽٽي ٿو،
۽ دين جي جنتن مان آدم
وري بہ ساڳيو ثمر ڀڃي ٿو!

---

جنوري 1983ع تي، جھمپير، ضلعي ٺٽي ۾ عرب سياحن، ٻن عورتن ڦاپي ۽ آمي سان زنا ڪئي، جنهن ڪري آمي (آمنہ) بروقت مري ويئي، ۽ پوليس ڪيس رجسٽر ڪرڻ کان انڪار ڪري ڇڏيو.

# مٽيءَ جي خوشبوءِ

جنهن نہ مٽيءَ جي خوشبوءِ کي ڇاتو هتي،
جنهن نہ سانگين جي سڳ کي سڃاتو هتي،
تنهن سان کهڙو ڀلا منهنجو ناتو هتي،
تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي!

جو نہ اجرڪ جي عظمت جو قائل هجي،
منهنجي ٻولي ڏي جيڪو نہ مائل هجي،
ذهن جنهن جو اجا ڀي ورهايل هجي،
تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

جنهن سنگينن سان سانگين جا سينا ڇنيا،
ڇڻ محبت جا مڪا مدينا ڇنيا،
عشق عرفان جا آبگينا ڇنيا،
تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

جنهن جي اک ماروئن ڏانهن ميري هجي،
جيڪو وانگين جي ٻچڙن جو ويري هجي،
جيڪو جلاد، قاتل ۽ قهري هجي،
تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

جيڪو لالڻ ليارن سان نفرت ڪري،
منهنجي پورهيت پنهوارن سان نفرت ڪري،
درد وند ديس وارن سان نفرت ڪري،
تنهن کي چئو! منهنجي نگريءَ مان نڪري وڃي.

# بند اکڙين منجهان

يادگيرن جا سيلاب ايندا رهيا،
بند اکڙين منجهان ڀَڃندا رهيا،

چند چٽرون ڪيون،
دل جي تنهائي تي،
تنهنجي آڪاش جي،
هن اڪيلائي تي،
طنز سان روز تارا تڪيندا رهيا،
يادگيرن جا سيلاب ايندا رهيا.

وقت! تنهنجو هي ورتاءُ،
واجب نہ هو،
گھايلن تي نئون گھاءُ،
واجب نہ هو،
وک وک تي وڇوڙا ويندا رهيا،
يادگيرن جا سيلاب ايندا رهيا.

نيڻ نينديون هيا،
وينڻ وٽندا هيا،
تنهنجي چڙپن منجهان،
ڦول چٽندا رهيا،
ها! مگر اڄ اهي وقت ويندا رهيا،
يادگيرن جا سيلاب ايندا رهيا.

# ڪالهہ لنگهي ويا قافلا

مون وٽ ڪو بہ نہ ماڳ!
ڪالهہ لنگهي ويا قافلا.

ليون لُڪ لوساٽيون،
آرهڙا اوتي آڳ،
ڪالهہ لنگهي ويا قافلا.

ڏنم ڏينهن لڙي چُڪو،
جنهن پل ٿيم جاڳ،
ڪالهہ لنگهي ويا قافلا.

نڪو ڏنگو ڏيهہ جو،
نڪمي ڀُليم ياڳ،
ڪالهہ لنگهي ويا قافلا.

حيف هجئي او هينئڙا!
وڙ نہ تو ويراڳ،
ڪالهہ لنگهي ويا قافلا.

# آفريڪي شاعر بنجمن مولانس جي قتل تي

اداس ڌرتي جا مظلوم،
نماڻا شاعر!
مان تنهنجي موت جو اسرار خوب ڄاڻان ٿو،
تنهنجي قاتل،
تنهنجي جلاد کي سڃاڻان ٿو.

مان تنهنجي موت جي عذاب کان،
اڻڄاڻ سهي،
مان تنهنجي موت جو اعزاز خوب ڄاڻان ٿو،
اهو اعزاز،
جيڪو ڌرتيءَ جي،
هر نئين نسل جي امانت آ،
سهاڳ رات جي خوابن جي امانت وانگر،
يا تنهنجي ڏيل ڏکويل کي ڏنل،
سوين ڏنين جي عذابن وانگر.

مان ڄاڻان ٿو ته
جڏهين ڪو ڏاڍو
اچي ٿو هيڻي تي بندوق سَڃي،
ته ڪائنات جي ضمير جيان
حساس ذهن جي لوڏائيل سمونڊن ۾
سچ جي پوپري ڦٿڪي ٿي پوي.
مان ڄاڻان ٿو ته
ڏات جي ديوي
جڏهين تخليق جي

آزر ڪي برغلائي ٿي
۽ جڏهين ذهن ۾ قيامتون ٿيون برپا ٿين،
۽ جڏهين قلم جي تيشي ۾ ڪا جنبش ٿي اچي،
تہ پوءِ دل جي صنم خانن ۾
هزارين بت تراشجي ٿا پون،
پيار جا،
سونهن جا،
آزادين جا نعرن جا،
سچ جي سوڀ سان،
انصاف جي وقارن جا،
امن جي رنگ جا،
احساس جي بهارن جا،
عقل ادارڪ جا،
علم ۽ فڪارن جا،
پوءِ اهي بت،
اهي صنم خانا،
پنهنجي تخليق جو دليل ڏئي،
هٿن ٿا چغلي پنهنجي خالق تي،
۽ موت سان مام ستي،
هي بہ دشمن وانگر،
يا وعدي معاف گواهن وانگر،
پنهنجي خالق کي پنهنجي موجد کي
وجهي گردن ۾.
سچ جون سنگهرون،
مقتلِ عشق ۾ گهليو ٿا اچن،
۽ تِهان پوءِ پنهنجي آذر کي،
پنهنجي خالق کي، پنهنجي شاعر کي،

وفا نگر ۾ سنسار ڪري،
اکيون ڪيائي، سردار ڪري،
وڏي غرور سان مرڪي ٿا پون،
پنهنجي تخليق جي قيمت ٿا وٺن.

اداس ڌرتي جا مظلوم نماڻا شاعر!
مان تنهنجي موت جو اسرار خوب ڄاڻان ٿو،
تنهنجي قاتل،
تنهنجي جلاد کي سڃاڻان ٿو.

# واعظ

اسان جي رُت جون،
سڀ ريتون روايتون ئي الڳ،
اسان جي سهپ،
صبر ۽ شڪايتون ئي الڳ،
اسان جي دين جا خطبا
۽ ڌرم جون پوٿيون،
گهنڊ گيتا ئي الڳ،
۽ قيامتون ئي الڳ.

جهان ساري ۾،
پن ڇڻ ڪان پوءِ بهار وري،
اسر جي ويل،
ماڪ جي موڪي،
گُل گُل جي اکين ۾ ڪيپ پري،
۽ روز
شفق جي لالاڻ،
تن ڪي تلڪ هڻي،
۽ پنهنجي ياڳي ۾،
آهي ته بس سرءُ آهي!؟
گل گل جون رڱون يادون!

ٻيا تصوف ۽ خواب،
دل جي ڪشڪول ۾،
ڪهڙو گلن جو دان مليو!؟
چند سُوچن جا سڪا،

ٻہ ٽي ڪي ”حسن حُباب“
اکين کي انتظار جي بدليءَ
رولڙيءَ رات ۾ رج ساڻ ڏيکيل
سچا رستا،
پيو سوجهري جو سراب.

روح جي شاهي قلعي جيءَ
وفا اسيرن کيءَ
مليا تہ درد مليا،
پيا وفا، جفا جا عذاب.

نہ ڪا ٻہ مٺ، نہ ڪا مُرڪ
نہ ڪا ماڪ مليءَ
اکين مان اوتيون ويٺا،
رڳو سورن جو شراب.

۽ روز،
شهر جو ملان چوي ٿو واعظ ۾،
”اچا ٻہ ڏينهن قيامت“
اسان کان ٿيندو حساب!؟

# تنهنجي ڳچيءَ جا داغ هي ڳاڙها

موت نہ توکي ماري سگهندو،
موت کي توئي ماريو آ،
سچ جي خاطر سرڙو ڏئي،
تو سوريءَ کي سينگاريو آ.

تنهنجي خون جي خوشبو مان،
قول هزارين ڦٽندا رهندا ،
ساري ڌرتيءَ جا دل وارا،
واس انهن مان وٺندا رهندا.

ڏاڍ جي اڳيان ڏونگر بنجي،
ڏونگر کي تو ڏاريو آ،
موت نہ توکي ماري سگهندو،
موت کي توئي ماريو آ.

تنهنجو وڇوڙو وانگيئڙن کي،
وڍ وجهي تو وير وٺڻ لئہ،
تنهنجي ڳچيءَ جا داغ هي ڳاڙها،
مون کي چون ٿا جنگ ڪرڻ لئہ،
جيڪو ستم ٿيو سانگيئڙن سان،
ٻارڻ تنهن کو ٻاريو آ.
موت نہ توکي ماري سگهندو،
موت کي توئي ماريو آ.

هي جو بادل پرجي پرجي،

تنهنجي قبر تي برسيو آهي،
ماڪ ڦڙا آڪاش وسائي،
ڳايو تنهنجو مرثيو آهي ،
سنڌ ديس جي ذرتي تنهنجي،
جهوريءَ ۾ اوچنگاريو آ،
موت نہ توکي ماري سگهندو،
موت کي توئي ماريو آ.

(شهيد ذوالفقار علي ڀٽي جي شهادت تي)

# اجا پره پر پري

اجا آهه اماس
اجا پره پر پري.

سڄڻ منهنجي سوچ جا،
اجاريا الماس.

ڏيهه ڏنا هن ذات کي،
ويچارن جا واس.

ماڻهوءَ ماڻهوءَ جو پٽي،
مرونءَ وانگر واس.

شهر سڄي ۾ سانت جو.
رنيي پيو راڪاس.

جيڏو پنڌ پهاڙ جو،
ان کان وڏي آس.

ادل! عيسىٰ تي پئون،
ايئن نہ هوءَ انگاس.

# ڪير ٿو چئي... !

ڪير ٿو چئي ڏيهه ۾ آهي ڏُڪر!؟
ڪير ٿو چئي آ مهانگائي ميان!؟
مصر جي بازار آ،
هر طرف هيڪار آ،
پل ڪٿوري جي ڪٿي خوشبو نہ آ،
خون جي خوشبوءِ تہ آ ارزان اجان،
ڪير ٿو چئي ڏيهه ۾ آهي ڏُڪر!؟

پيٽ پريل آهن پنوهارن جا پَلا،
پر پُٺي ڪي ڏس تہ ڪؤڙن ڪيئن ڪيو،
ڇڻ ڪديا سورج مکي آهن سلا،
ڪير ٿو چئي آ مهانگائي ميان!؟

ايتريون سستيون سريون سنپرو ڪڏهين؟
جو اڃن پيون اڏين ڪي الٽيون،
اي ڏيهہ!
توکي پيا اجان ڏوهہ ڏيون!؟

(ڇامر شورو 1983 ع)

# شل انهيءَ ڪان اڳي

ديس پنهنجي مان ڏارين تي ڌڪجي وڃون،
پنهنجي مٽيءَ جي خوشبوءِ لئہ سِڪجي وڃون،
يا فلسطينين جيئن ڦُرجي وڃون،
شل انهيءَ ڪان اڳ ڪاش وڃهندي مرون.

پنهنجي ڏاڏاڻي قبرن مٿان هٿ کڻون،
پنهنجي وڏڙن جي هڏڙن مٿان هٿ کڻون،
يا يتائي جي سڏڙن مٿان هٿ کڻون،
پنهنجي تاريخ جي مُنهن تي ڪارنهن مليون،
شل انهيءَ ڪان اڳ ڪاش وڃهندي مرون.

ڪيئن ڪارونجهر ۽ ڪاڇي مٿان هٿ کڻون،
ڪيئن ڪينجهر ڪراچيءَ مٿان هٿ کڻون،
پنهنجي نوري تماچي مٿان هٿ کڻون،
شل انهيءَ ڪان اڳي ڪاش وڃهندي مرون.

پنهنجا ايندڙ نسل دربدر تي رُلن،
ذلتن ساڻ ڪيمپن ۾ پَلبار رهن،
پنهنجي وڏڙن تي لعنت ملامت وجهن،
مارئي جي وطن جا مياري ٿيون،
شل انهيءَ ڪان اڳي ڪاش وڃهندي مرون.

# اهو سڀ ڇا هي؟

هي جيون!
رڳو ناهي ڪو جو ڦوٽو.
نہ واريءَ تي ليڪو،
نڪو واءُ جهوٽو.

مجون ٿا!
برابر تہ اڄ يا سڀاڻي،
بدن جي هي پڃري،
پڙپانگ ٿيندو.
پنهل هي پساهن جو ويندو پلاڻي،
مگر
هاڻي هاڻي
اهائي گهڙي جنهن ۾ تون مان جيئون ٿا
انهيءَ جي هجڻ کان تہ انڪار ناهي!؟
اهو سڀ ڇاهي!؟

هي نيڻن جا ڏيئڙا!
ٻرن يا اجهامن،
وڏي ڳالهہ ناهي،
مگر ڇئن اکڙين جي سرگوشين ۾
بي آواز لفظن کي
معنيٰ تہ آهي؟
اهو سڀ ڇاهي!؟

چمين ۽ چپن جي،

ڪنارن جي وچ ۾
احساس جو،
جيڪو ساگر وهي ٿو،
ڇا! اهو ڪنهن ٻه صورت ۾
سُڪٺو ٻه آهي!؟
اهو سڀ ڇاهي!؟

يا . . .. .
جدائين جي ويران
چانڊوڪين ۾
ڪنهن ڏورانهين ٽيشن تان،
مڌم سُرن ۾
لتا، گيت ميران جو ٿي ڳُنگائي
ڇا!
انهيءَ گيت ڪي موت ۾ مات آهي!؟
اهو سڀ ڇاهي!؟
هي جيون رڳو ناهي ڪر جر ڦوٽو،
نہ واريءَ تي ليڪو،
نڪو واءُ جهوٽو.

---

ٽيشن: ريڊيو اسٽيشن

# او امان!

او امان! او امان!
منهنجي جيجل امان!
جيڪڏهين ، رات جي
رهزنن جي هٿان،
مان به ماريو وڃان،
منهنجي ساٿين جيان،
توکي پنهنجي ئي ممتا جو آهي قسم،
ڪين تون روئجان،
ڪين دل لاهجان.

سچ ۽ سونهن جي
سوڀ خاطر ڪڏهين،
مان شيشن مٿان
جي سمهاريو وڃان،
پره جي پياس ۾
پنهنجي پيارن جيان،
جي سَنجهي جوئي
سوريءَ پُڪاريو وڃان
ڪنهن به شاهي قلعي جو
مان سينگار ٿيان،
يا دلائيءَ جي
ڪيمپن ۾ درڪا ٿيان
لانگ بوٽن جي هيٺان
چيٿاريو وڃان.

موت پنهنجي ڪان
اڳ ۾ ئي ماريو ويان
ڪين تون روئجان،
ڪين دل لاهجان.

منهنجي راهن ۾،
رَت جي آ خوشبو رچيل،
منهنجي ساهن ۾ آ،
بند جي نوءِ پنل،
منهنجي سوچن تي
صدين کان پهرا پيل،
منهنجي نس نس ۾
ناسور آهن کُليل،
منهنجي گس گس ۾ پڻ،
گرز پالا ٽنگيل.
منهنجي وک وک تي،
ويرين جون وارون ٽيل.
منهنجي ڪُڪ ڪُڪ ۾،
پنهنجن جا خنجر ڪتل،
منهنجي تاريخ،
صدين جي قرضي ٽيل،
منهنجي ٻولي بہ آ،
ٻاليشاهي ٻنيل.
منهنجي مارئن مٿان
موت آ مچريل.
منهنجي سانگين جو ڪيڏو
ستم آ سَٽل

ڪو آ ٽياسن ٽنگيل،
ڪو ڪڙهاين ڪڙهيل،
ڏس تہ ڏيهہ ۾،
ڏاڍ ڪيڏو متل.
جو بہ هٿ ٽيو ايو،
سوئي هٿ آ ڪپيل،
هيڏي ڏهڪاءَ ۾،
ڪيس کهڪاءَ ۾،
ڪيئن سپ ڪجهہ سهان؟
ڪيئن چپ مان رهان؟
منهنجي ڏاهي امان!
منهنجي ڏاهي امان!
ڪين مون کي تون جهل،
ڪين مون کي تون پل،
مان وڃان ٿو وڃان.
مان وڃان ٿو وڃان.
جي نہ موٽي اچان!
منهنجي مٺڙي امان!
جي نہ پيريءَ ۾ تنهنجو
سهارو ٿيان
ڪنهن عباسيءَ يا
بوبي سيندس جيان
جيڪڏهن رات جي
رهزنن جي هٿان،
مان ماريو بہ وڃان،
منهنجي ساٿين جيان،
توکي پنهنجي ئي ممتا جو آهي قسم

ڪين تون روئجان،
ڪين دل لاهجان.

جي نہ ميندي هٿن تي،
لڳائي سگهان
تنهنجون آسون
نہ توکي پسائي سگهان،
ڪنهن بہ هوشوءَ جيان
ڪنهن بہ هيمون جيان
رات جي راند ۾،
گهوٽ ڳاڙهو ٿيان.
توکي پنهنجي ئي ممتا جو آهي قسم!
ڪونہ ڏُکڙو ڪجان
ڪين دل لاهجان!
منهنجي ننڍپڻ جي
يادن جي تصوير کي،
منهنجي اکڙين مان نڪتل
چميل نير کي،
سورمي جي لهو جهڙيون لوليون ڏجان
اڻ ڏٺل منهنجي
خوابن جي تعبير کي،
منهنجي هٿ ۾ پيل
لوهي زنجير کي،
لال ميندي مَلي
منهنجي شاديءَ جا
ڳيچ پئي ڳائجان!
پاڻ پريائجان!

توکي منهنجي جوانيءَ جو آهي قسم!
پر نہ تون روئجان
ڪين دل لاهجان.
او امان او امان

---

عباسي: شهيد نذير عباسي
بوبي سينڊس: آئر لينڊ جو جوڌو 1980ع ۾ مرڻ گهڙيءَ تائين بک هڙتال ڪري شهيد ٿي ويو.

# وِڪجي ويا!

ڪٿيرين سندا ڪيٽ وڪجي ويا،
نڌڻڪن جيان نيٽ وِڪجي ويا.

اڙي چنڊ! الهي هليو وڃ هتان،
چانڊوڪين جهڙا چيٽ وِڪجي ويا.

ٿيو سنڌ ڌرتيءَ جو نيلام عام،
۽ سنڌوءَ جا لس ليٽ وِڪجي ويا.

جيڪي رهبر هئا، سي ئي رهزن ٿيا،
ڪري نيٽ اڪ ٿيٽ وِڪجي ويا.

لولي جي لانگهي ڪان لُون لُون لُڇي،
پنهوارن سندا پيٽ وِڪجي ويا.

وڪيا سنگ سونا ۽ سايون پنيون،
وڏي واڪ جي هيٽ وِڪجي ويا.

# سارو ڏيهه ڏياچ

پيجليا ڪجهه ٻول!
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

سِرَ سڪن جيئن اڇلي اڇبا،
جنهن وقت جهليندين جهول،
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

ڪاڪا ڌرتي تي دان گهُري تي،
ريتو رت رتول
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

ڪهڙو ڪانڪي جنهن نہ ڪيو ڪو؟
ڪارونجهر سان قول،
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

جيءَ جو جهونا ڳڙهہ جهنجهوڙي،
ٻول ڪو اهڙو ٻول،
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

سپنن تي ڪي سادا ماڻهو،
پائن قيد ڪڙول،
سارو ڏيهه ڏياچ تون ڏسندين!

# هڪ سپني جي ساپيا خاطر

هڪ سپنو!
جنهن جي ساپيا خاطر،
پنهنجي نيڻن جي صليبن تي ٽنگيل،
سوين سپنن کي گُهٽا ڏيئي اسان ماريو آ،
پاڻ تي ظلم ڪري پاڻ کي جياريو آ.

اهو سپنو!
سهاڳ رات جي جوڙي جيان،
ڀهڪيل ڀهڪيل.
سهاڳ رات جي ميندي جيان،
خوشبو، خوشبو.
سهاڳ رات جي ڳچين جيان،
سادو، سادو.
سهاڳ رات جي لمحن جيان،
جاڳيل جاڳيل.
اهوسپنو!
جنهن جي ساپيا خاطر،
پنهنجي جيون جي هر چوسول مٽي،
ڪنهن ٽري ٻار جي پُر پياس نگاهن جهڙيون،
اسان پنهنجي سهاڳ جون راتيون،
ڪنهن نندڙي واڪ تي نيلام ڪيون،
سو ٻه سِرعام ڪيون.
پنهنجي هر آرزو ۽ چاهه جي چاٻين جا ڳُڇا،
سندوءَ جي پيٽ ۾ اڇلائي ڇڏيا،
۽ پنهنجي موهه جا ننگا لاشا،

پنهنجي خوشين جي جنازن وانگر
بنا ڪفن جي دفنائي ڇڏيا.
سرير پنهنجي ۾ صدين کان سجيل،
صنم ڪدن کي لڳائي تيلي،
وٺي بدلو اسان محرومين کان،
پنهنجي ناڪامين جو جشن ڪيو،
رڳو هڪ سپني جي ساپيا خاطر.

رڳو هڪ سپني جي ساپيا خاطر،
رشتن، ناتن جي رب کان منڪر ٿي،
باغي ٿي،
ڪفر ڪري، ڪافر ٿي،
ٽتل واريءَ کي،
پيرڦلٽن جا،
زهر ڪٽورين کي
چپڙن جا،
رٽن جي رچ کي ٻه
نظرن جا،
ڪيڏا ناياب ڏناسين تحفا،
لطيف جي ڪلام جا نسخا،
۽ بيقرار من جي جوڳيءَ کي،
رات جي زخمي ڪيل روڳيءَ کي،
لکين تنهائين جا تياڳ ڏئي،
دل جي هر ساز کي،
دردن ڀريو آواز ڏئي،
ضمير پنهنجي کي،
ماريءَ جهڙو انداز ڏئي،

پنهنجي احساس جي منصورن کي،
پاڻ ئي پنهنجي هٿن ساڻ،
سوريءَ تي چاڙهيو،
پنهنجي خوشين جي حقن کي ماريو.

پنهنجي هر آتما ڪنگال ڪري،
ڪڏي ڏيوالو پنهنجي لڙڪن جو،
پاڻ کي حال مان بيحال ڪري،
انهيءَ سپني کي،
انهيءَ خواب کي ماڻڻ خاطر،
اَياڳي نينگريءَ جي،
ڪنهن لڪل گناهه جيان،
پنهنجي ويري شعور جي ڪُک ۾،
نپايو، تانيو، پاليو آ،
رڳو هڪ سپني جي ساپيا خاطر،
ڪيڏو دکڙو اسان جاليو آهي.

اهو سپنو،
ان عذاب جيان،
ڪنهن ڪنواريءَ جي پاپ ۽ پچ جو،
ڪو ڊنل راز نہ آ.
پنهنجي ناڪرده گناهن جو هڪ انداز سهي،
شهر جي ڪچرا گهرن مان ايندڙ،
ڪا دٻيل چيخ نہ آ،
ڪو گُهٽيل آواز نہ آ.

اهو سپنو!

سهاڳ رات جي جهرمر جهڙو،
ڏاڍو واضع، ڏاڍو روشن آهي،
اهو سپنو آهي،
ڏور، آڪاش جي ياڪر ۾ ٻڪيل،
ڪبوترن جي وڳر ڪي محو پرواز ڏسون.
پنهنجي نيڻن جي خوشي جو،
نئون انداز ڏسون.

سچ جي روشني جو مرهم ڪٽي،
پنهنجي ٻوساٽيل ڦڦڙن کي هٽون.
سموري شڪتي کي مرڪوز ڪري سيني ۾،
کُليل آزاد هوائن ۾ وڏا ساهه کڻون،
۽ تهان پوءِ اکيون بند ڪري،
پڪيڙي مُرڪ، خشڪ چپڙن تي،
ڏيئي جندڙيءَ کي الوداعي چُمي،
موت جي اڻ ڏٺل منزل ڏي تڻون،
موت جي سامهون ڳاٽ اوچو ڪڻون،
۽ ”پنهنجي آئيندي کي،
اڄ ئي وڻون.“

# اڙي دل!!

اڙي دل!
اڙي دل!
ايڏي ٻہ پاڳل؟
رکو ناهي تنهنجي
وفائن جفائن جي
ماتم ڪدن ۾ هي محشر متل.
ڏسين چو نہ تي سارو ساٽيهہ صدين کان
آهي ستل.
ڪسابن ڪان،
ساري ڪُڙم جي ڪنن ۾ ڪپهہ آ پيل.

اچ انهن ڏي هلون!
جن جو ناهي ڪڏهين ڏور، چلڙو، جمالو،
همرچو ٻڌل،
جن جا سپ گهيتڙا،
گهنڊٽين لئہ سڪيل.

اچ انهن ڏي هلون!
جن جو ناهي ڪڏهين
چيٽ جي چنڊ جو گيت پهريون چيل،
جن جا سپ ڪيت ۽ چيٽ
وڪجي ويل.
اچ انهن ڏي هلون!
جن جي پڪڙن پهين تي،
وٿاڻ وهين تي
ڏُريان ئي ڏڏڙ ڏوڙ آ ڄميل،

پنهنجي تاريخ ڪان پڻ اوناهان ڏڪيل،
جن جي لاٽن لين تي
۽ ڪيڙن کهين تي
ڏارين ائن جا، سوين ڏڻ پليل،
جن تي ناهي بهارن جو پاڇو پيل.
ها انهن ڏي ٻه هل
جن جي نيٽن جي مڪليءَ جي مدفون ۾
رڳو چند آسن جا لاشا ڏڪيل،
جن تي،
دردن ۽ سورن جا ڪتبا لکيل.

اڄ انهن ڏي هلون،
جن جا "چُپ" سان چپڙا ٻه آهن سبيل.
جن جي واتن مٿي
ماٺ مهرون لڳل،
جن جا سڀ قافلا
رهنما جا ڦريل، رهبرن جا لُٽيل،
جن لاءِ منزل مام ٻڌجي ويل.

اڙي دل!
اڙي دل!
انهن ڏي ٻه هل!
وقت ويريءَ هٿان
جن جا ڇهرا ڇماٽن سان آهن ڇٽيل،
جن تي آهن اڄان
جن تي آهن اڄان
سونهن سچ جي شهادت جا منظر ڇٽيل.

اڙي دل!
اڙي دل!
ايڏي ٻ پاڳل!
ڏسين ڇو ٿي؟
لوڪ سارو اٿئي؟
وڪ وڪ تي وڍيل،
ڪو آ قربن ڪٺو،
ڪو آ ڪاتيءَ ڪُٺل،
رڳو ناهي تنهنجي
وفائن جفائن جي
ماتم ڪدن ۾ هي محشر مٿل.

# تنهنجي گهورن جي گهٽا

جهار هڪلڻ جُرم تي سمجهيو اوهان،
بي مندا سپ باغ پنهنجا پيل ٿيا.

يا ته پنهنجا لڙڪ باغي ڪين ها،
يا ته پنهنجا نيڻ بنجي جيل پيا.

هيل واهوندن وڏو آ وڙ ڪيو،
هيڏا هانبارا هوا ۾ هيل ٿيا.

تنهنجي گُهورن جي گهٽا برسي جڏهين،
روح جي رڻ ۾ ٽڙي رابيل پيا.

ڪالهه جن عيسيٰ ٽياسن تي ٽنگيو،
اڄ اهي ساڃيا چُمن انجيل پيا.

# اجاڙي اجها

اُجاڙي اجها،
ڪالهه رَمي ويا ڪاپڙي.

سڪڻ آهه سموند جيئن،
گڏجڻ آهِ ڳِجا،
ڪالهه رَمي ويا ڪاپڙي.

مُٺيءَ دل کي مامرا،
جانب ڏيئي جڄها،
ڪالهه رَمي ويا ڪاپڙي.

پره جا هو پارکو،
ڏيئي سِر سنجها،
ڪالهه رَمي ويا ڪاپڙي.

---

ڳِجا: سمند جي ڳِجي

# هي قاتلِ

هي رهزن، هي رت چوس ڪرنيل ڪاڻا،
هي بابر ۽ نادر جا نسلي نياڻا،
هي منگول تاتارين جي تخم جا،
هي حجاج يوسف جا نوڪر پراڻا ،
نئين سر وري دين جا پائي چوغا،
اسان کان نمازن جا ڪن ٿا پڇاڻا!؟

جنين ڪعبو قبلو آهي آمريڪا،
مهاندن ۾ پڻ جيڪي سوئر سريڪا،
جنين ساري ڌرتي تي ڌاڙن هڻڻ ۾،
لتاڙيا سيئي لانگ بوٽن سان ليڪا،
جنين جي هٿن ۾ نہ آ ڇائي ڇم کان،
ڪوئي لڄ ليڪو، نڪا رحم ريڪا،
اهي اڄ خدا جا ٿي نائب نماڻا،
اسان کان نمازن جا ڪن ٿا پڇاڻا!؟

هي وحشي بکيا ۽ ٽڪن تي وڪاڻل،
سامراجين، سعودين جي ٽڪرن تي پاليل،
هي غدار گولا، هي غيرت کان وانجهيل،
بگهڙ، هي درندا، هي ڇاتل سڄاتل،
هي تهذيب، اخلاق، رشتن جا قاتل،
هي معصوم ٻارن جي مُرڪن جا قاتل.
هي بيواهہ نارين جي چوڙين جا قاتل،
هي مجبور پيڙين جي آهُن جا قاتل،
هي مظلوم قومن جي مائن جا قاتل،

هي آزاد چنچل هوائن جا قاتل،
فڪر ۽ فهم جي فضائن جا قاتل،
هي خوشين جي خالق خدائن جا قاتل،
هي چوڙيلي چوڙيلي ٻانهن جا قاتل،
هي ڌرتي ۽ ديسن جي دانهن جا قاتل،
نماڻين نماڻين نگاهن جا قاتل،
هي چمين جا قاتل، هي چاهن جا قاتل،
هي ساهن جي خوشبوءِ هڳائن جا قاتل،
حسن جا هي قاتل، حيائن جا قاتل،
هي گهنگور گدلين گهٽائن جا قاتل،
هي وعدن، وصالن، وفائن جا قاتل.

رومالن جي تحفن ۽ چلڙن جا قاتل،
سدا گڏ گذارڻ جي قسمن جا قاتل،
هي راڪين جي رنگين رسمن جا قاتل،
هي ڌرتيءَ جي سونهن، جوڀن جا قاتل،
هي پوپٽ جي پرڙن ۽ ڀنؤرن جا قاتل،
هي برکا ۾ ڀڄندڙ ڀنيورين جا قاتل،
هي مکڙين تي ماڪن جي قطرن جا قاتل،
هي موتئي، گلابن جي پن پن جا قاتل،
هي سارين جي ڪڪرن ۾ لهرن جا قاتل،
رنگن، روشنين، ڪڙڪيتن جا قاتل،
هي ڪينجهر جي پاڪيزه ڪنولن جا قاتل
هي سنڌوءَ جي آب زم زم جا قاتل،
هي زلفن، هي شبنم، هي پونم جا قاتل،
هي ساونڻ جي رم جهم، هي ڪنوٽين جا قاتل،
هي رڻ ڪڇ جي رولاڪ هرڻن جا قاتل

هي ٿر جي سدا مست مورن جا قاتل.

هي گابن جي گهنڊڙين ۽ گهيٽن جا قاتل،
ڪرن جا هي قاتل هي ڪيٽن جا قاتل،
چانڊاڻ چؤنرن ۽ چيٽن جا قاتل،
هي پورهيت پنهوارن جا قاتل،
پٽڪڙين ٻارڙن جي سليٽن جا قاتل،
هي ڳيرن، ڪبوتر ۽ ڪونجن جا قاتل،
هي تن جي پڙاڏن ۽ گونجن جا قاتل،
هي سوچن جا قاتل، هي ذهنن جا قاتل،
هي ڪاغذ، هي قلمن، هي لفظن جا قاتل،
هي دانائي، ڏاهپ ۽ علمن جا قاتل.

هي تاريخ جي سرخ بابن جا قاتل،
نون نظرين ۽ نصابن جا قاتل،
هي ماڻهوءَ جي مڙني مهابن جا قاتل،
عقل فلسفي جي ڪتابن جا قاتل،
دليلن سان ملندڙ جوابن جا قاتل،
هي ڪونڌر ڪنوارن خوابن جا قاتل،
هي ميران ۽ تلسي جي دوهن جا قاتل،
ايازن ۽ نذرل جي نغمن جا قاتل،
هي بُلي، هي باهو، فريدن جا قاتل،
هي ٽيگور، ساحر، ڪبيرن جا قاتل،
بلاول عنايت جي جهوڪن جا قاتل.

هي ٻاٻاڻي ٻولن ۽ ٻولين جا قاتل،
هي گهونگهٽ ۾ گهاگهر گهڙولين جا قاتل،

هي ڏاتين جا قاتل، هي ڏولين جا قاتل،
هي امڙين جي آغوش، جهولين جا قاتل،
چار ديواري، چادر ۽ چولين جا قاتل،
اباڻن جي عيدن ۽ هولين جا قاتل،
هي لاڏن جا، لانون ۽ لولين جا قاتل،
رس ساڻ رم جهم، ڪٿولين جا قاتل،
۽ ماتامي مارن جي مولهين جا قاتل.

هي شهنائي دهلن جي گوڙن جا قاتل،
سهاڳڻ جي سهرن سجوڙن جا قاتل،
هي ميندين جا قاتل، هي موڙن جا قاتل،
ستارن جڙيل سُرخ جوڙن جا قاتل،
نڪيتيءَ جي وٽندڙ وڇوڙن جا قاتل،
هي گهوٽن جا قاتل، هي گهوڙن جا قاتل،
هي قاتل، هي مڙسن پلوڙن جا قاتل،
هزارين، لکين ۽ ڪروڙن جا قاتل،
هي لاڪاڻ، ميهڙ ۽ مورن جا قاتل،
ڪراچي، ٺٽي، ڄامشورن جا قاتل،
هي جوڌن جي جسمن ۽ جوڀن جا قاتل،
هي ڪُوڙن ۽ ڦٽڪن سان ڳيرن جا قاتل،
هي بجلي جي شاڪن سان بدنن جا قاتل،
هي پاڙن ڪان نڪتل زبانن جا قاتل،
هي شيشن جي سيجن تي سوڍن جا قاتل،
هي چچريل چماٽن سان چهرن جا قاتل،
۽ نهن بنا هٿ پيرن جا قاتل.

ٽُڏن سان ٽيل چور هڏن جا قاتل،

هي شاهي قلعي منجهه سڏڙن جا قاتل،
هي سردين ۾ سڏڪن ۽ سسڪين جا قاتل،
هي سگريٽ داغن سان سينن جا قاتل،
هي سهڻن جوان حسينن جا قاتل،
هي اڻموٽ، ارڏن، عظيمن جا قاتل،
هي زلفين جا قاتل، نظيرن جا قاتل.

هي لت پت لهوءَ منجهه لاشن جا قاتل،
هي اجرڪ جي رت رنگ ڪفنن جا قاتل،
هي آزاد سنڌڙيءَ جي سپنن جا قاتل،
هي ڦاسي جي گهاٽن تي نعرن جا قاتل،
هي پنهنجي شهيدن سنگهارن جا قاتل،
هي انصاف، عدلن، امينن جا قاتل،
جي دلين جي مذهب ۽ دينن جا قاتل،
هي قرآن، گيتا، صحيفن جا قاتل،
هي محبت جي مڪن مدينن جا قاتل.

هي عيسىٰ، علي ۽ حُسينن جا قاتل،
هي ڪربل جي خاموش خيمن جا قاتل،
فلسطيني ٻچڙن يتيمن جا قاتل،
هي آزاد ڌرتين، زمينن جا قاتل،
هي قومن، هي نسلن هي وطنن جا قاتل،
هي تُرڪن جي سرمست مرڪن جا قاتل،
هي ڪلمي گو ڀائر، بنگالين جا قاتل،
منهنجي باغي بهادر بلوچن جا قاتل،
پري ڇو وڃون هي ته پنهنجن جا قاتل،
هي سنڌين جا قاتل، هي سنڌين جا قاتل.

هيڏا قتل ڪيئن ٿيندا پراڻا،
ڀٽو ڪن ڪولي، خدا جي خليفؤ!
اوهانجي قيامت اجها آهي اوڏي،
اجهو ٿيا عوامن جا آڏا پڇاڻا،
نمازن ۽ نفلن جا ناٽڪ رچائي،
بَچي ڪين سگهندا او ڪرنيل ڪاڻا!
بَچي ڪين سگهندا او ڪرنيل ڪاڻا!

---

مولهيو: پڳ، پٽڪو
شهيد ذوالفقار علي ڀٽو ۽ شهيد نظير عباسي
1970ع ۾ ضياءَ ٽولي طرفان جوڙيل صلوات ڪاميٽين ٺهن تي.

# هڪ عيد ڪارڊ

چنڊ ڏسڻي ڪاميٽي وان ڏانهن
شهر جي مسجدن
ممبرن پوليو،
ساري وستي جي مُلن ۾ چوٻول پيو،
مرحبا مومنو!
مرحبا مومنو!
عيد آهي سڀان،
چنڊ ڏسجي ويو،
چنڊ ڏسجي ويو.

ڪو هنن کي چئي،
ڪو هنن کان پڇي!
چنڊ ڪنهن آ ڏٺو؟
چنڊ آهي ڪٿي؟
مومنو! مومنو!
دوربينيون اکين تان هٽائي ڏسو!
هيٺ ڌرتيءَ تي،
جو صدين کان وٽي،
ڪنهن ته پورهيت
۽ هاريءَ جي گهرڙي وٽان.
چُلهه، دانگي ۽ ڪارنهن جي ڪڪرن منجهان،
ڪو ته پاڄهر سندو،
چنڊ اڀري نٿو،
مومنو! مومنو!
پهرين ڌرتيءَ جي چنڊ کي ڳوليو
عيد جا پوءِ پلي ڍنڍورا ڏيو.

# تون اڃان ڪڏهين ايندين؟

ٻڌاءِ رِ!
تون اڃان ڪڏهين ايندين!؟
هزار وار،
ٻاٽ جون چنريون،
رات جي ڇاتي تان سرڪيون آهن.

اسان جو راه مسافر ۽ بيقرار دليون،
پوه جي رات ڪي پره سمجهي،
ڪوڙي آٿت مٿي ڇرڪيون آهن؟
ٻڌاءِ! تون اڃان ڪڏهين ايندين؟

لکين دفعا ،
لهوءَ لباس ڍڪي، توسان معراج ملهائڻ خاطر،
سنت عيسىٰ، فرض سمجهيوسين،
اڃان ٻ پاڻ مٿي،
تنهنجو قرض سمجهيوسين.

سوين دفعا،
عقل ادارڪ جو شرير پريون،
(اسان جي عشق جي شهر جو ڇريون)
اسان جي شوق، اڀرائي تي،
عجيب ٺوڪ سان مُرڪيون آهن.
ٻڌاءِ! تون اڃان ڪڏهين ايندين؟

گهڻا دفعا،

گهٽا جو گوڙ ٻُڌي،
اسان جي صبر جو سپيئي سپيون،
سوچ ۽ سُرت جي سمونڊن ۾،
رڳو هڪ بوند لئہ پٽڪيون آهن،
۽ پاند ۾ رڃ جي خيرات ڪٺي،
ناميدين هٿان ڏرڪيون آهن،
ٻڌاءِ! تون اڃان ڪڏهين ايندين؟

سچ پڇين تہ او سڄڻ سائين!
چئو طرف پيار جي دشمن جون،
اسان تي چٽرون،
ٻيا تنهنجا ناز و ادا،
لاغرضي ۽ بي حَسي،
روح جي رت هاڻي ڦٽ مٿي،
هاڻ چڻ لوڻ تي ٻرڪيون آهن،
ٻڌاءِ! تون اڃان ڪڏهين ايندين؟

ٻڌاءِ تون ڀلا ڪڏهين ايندين!؟
جڏهين،
اسان جي اکين جي هي ٽر ٻاٻيها،
تنهنجي ديدار جي اڃ ۾،
شهيد ٿي ويندا...؟
۽ ساري عمر جا هي اوجاڳا،
توسان سرگوشين جي سڌ ڪٺي،
ڪٿي ٽڪجي، ٺُٽي سمهي پوندا!
ٻڌاءِ! تون اڃان ڪڏهين ايندين؟

# دنيا ڪي پلا چاهي؟

گهُورن جي گهٽائن سان، اڄ ميگهه مندون ٿاهي،
دنيا ته پيئي جلندي دنيا ڪي پلا چاهي.

خوابن جا ڏيئي موتي تعبير خريديون ها !
نيٽن جي نصيبن ۾ پر ننڊ لکيل ناهي.

دنيا جي خفن دل ۾ دردن کي ڇڏيو دفني،
ورنه ڪو وڇوڙن کان ورچيو به ڪڏهين آهي؟

مون غم کي گناهن جيئن لوڪن کان لڪايو پر،
ڪي ڳُڻ ۽ ڳٽي ڳالهيون ڳوڙهن وڌو ڳالهائي.

آڪاش اياڻو آن، پٿر جا صنم پوڄين!
هر رُت نه صبا آهي، هر بت نه خدا آهي.

# ڏوهه ڪنهن ڪي ڏيون!؟

قاتلن جي ڪلهن ۾
وڏئي اجرڪون
او ويڪُو وڏيرا!
ٽُڪون ٽئي ٽڪون.

ٽَڪن لئہ وڪيون تو
سنڌي ٽوپيون
سچ اهو آ تہ
سچ کي شرم تو اچي،
دلاليون دليريءَ سان اهڙيون ٿيون.

ڏيهہ واسيو ڏسو!
ڏوهہ ڪنهن کي ڏيون؟
ڪالهہ ڌرتيءَ مٿي
رت جي رقص تي
زخمِ زنجير سان
نينهن جي نير سان
جنم جيلن اندر
جيڪي چورن چُريون
عشق جون اجرڪون،
ڪيستائين پلاءِ
ايئن ارزان ڪيون؟
جنين پنهنجي سينن،
سنگينون هنيون
اسانجي ننگن ڏي

نگاهون ڪنيون،
ڏسي تن سِرن تي،
سنڌي ٽوپيون،
۽ ٽوپين ۾ جڙيل
چون ٽيون ٽڪون،
او ويڪُو وڏيرا!
ٽڪون ٽئي ٽڪون.

# مدتن ڪان...

چنڊ! تون چئجان پرينءَ کي ايترو،
مدتن ڪان من اندر ماتم آ.

ڪيئن پرچايون پلا هن پياس کي،
هن ملڪ جو هر ميڪدو ويران آ.

چئو طرف آهن چتائن جا الاءِ
هي سنڌ آ، يا دوستو! شمشان آ.

ڪنهن! جانور کان ايترا ماڙهو مئا،
جيڏو ڪتو انسان کي انسان آ.

# جلون ۾ تنهنجي

جلون ۾ تنهنجي ساڳي قيامت رهي نہ آ،
۽ منهنجي دل جي پڻ اها حالت رهي نہ آ.

تنهنجي ڪري هئي دشمني ساري جهان سان،
تون ويئن ڇڏي تہ ڪنهن سان عداوت رهي نہ آ.

اڀري اڱڻ مٿان نہ مونسان چنڊ چاڳ ڪر!
چانڊاڻ تنهنجي سان مون ڪي چاهت رهي نہ آ.

تو پنهنجي پيار جا پلي، پير لُٽي ڇڏيا،
آڪاش ڪي بہ توسان شڪايت رهي نہ آ.

# نيوٽران بم جي ٿاهيندڙ ڏانهن

اي نيوٽران جا خالق!
اي قاتل انسان!
تنهنجي بيرحم تخيل جي ڪارنامي تي،
حيا اچي ٿو بيحيائي کي،
تنهنجي ايجاد جي بدروح تصور سامهون،
ماڻهپو ٿو اگهاڙو ناچ نچي،
۽ اهڙو ناچ! جنهن ۾،
لئه هجي سفاڪي جي،
۽ا اهڙي بوءِ جنهن ۾،
محسوس ٿئي سڙيل لاشو،
نہ جنهن ۾ رنگ ۽ خوشبو هجي حياتي جي.

اونداهي سوچ جا موجد!
اي وحشين جا خدا!
ڪاش تون ٿوري دير جي لاءِ،
ڪنهن بہ شاعر جي اک سان جاچين ها!
ننڍڙي معصوم پنهنجي دنيا کي،
جنهن ۾ ڪو ٻار گُهري ها توهان کان،
تنهنجي بم جي بجاءِ ماني کي.
دير ٿوري لئہ مصور جي بنجي سوچين ها.
ڏسين ها! پنهنجي ئي ڌرتيءَ جي ڪينواس متي،
پُر ڪشش ڦول سوين، موتئي گلابن جا،
جتي ٽيون رقص ڪن مکڙيون اگهاڙي ڇاتي سان،
ڏين دعوت ها جيڪي توکي حسن ماڻڻ جي.

۽ رڳو ڪجهہ تہ اکيون کولي جي نهارين ها،
ڏسي سگهين ها اي ڪاش! ناگاساڪي کي،
سوين اجڙيل گهرن جي شهر هيروشيما کي،
کليل اکيون جي ڏسين ها، شهيد ٻارن جون،
جنين جا روح اجان تائين آسمانن ۾،
پري ڏين ٿا توکي جهوليون ستارن جون.

ها مگر تون نہ ڪو شاعر نہ مصور آهين،
تون نہ انسان آن، آهين رڳو پٿر آهين،
تنهنجي موجودگي ڌرتيءَ جي مٿان بار آهي،
توکي پيدا ڪري هوندو خدا پي پڇتايو،
ڪيو انسان سان تو ڪيڏو اتياچار آهي.

---

نيوٽران بم: آمريڪي سائنسدانن جي ايجاد جنهن جي ڦاٽڻ سان ساهہ وارا ختم ٿي ويندا ۽ ملڪيتن کي ڪو نقصان نہ ٿيندو.
ناگاساڪي ۽ هيروشيما جپان جا شهر جنهن تي ٻي مهاڀاري لڙائي وقت آمريڪا ايٽم بم اڇلايا.
اتياچار: ظلم

# جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا

جنهن وقت هي جوڳي جاڳيا،
هن يونءَ سڄيءَ جا ياڳيا،
پوءِ سور نہ رهندا ساڳيا،
ڪندا جي مست قلندر،
دمادم مست قلندر.

بيراڳين جي يونءَ متي ڪا، باهہ ٻلي پئي ڀڙڪي،
هن ننگريءَ سان نينهن اسانجو، ننگري ناهہ نڌڻڪي،
سرمد جي سنت پارڻ لئہ مارو ايندا مرڪي،
ڪندا سڀ مست قلندر، دمادم مست قلندر.

منهنجا مست ملنگ هي مارو، ڏونگر ڪان ٻيي ڏاڍا،
نير نئين ڪا چيز نہ آهي، نڪي ڪڙول ۽ ڪنڌا،
ڪفني پائي ڪلهن ۾ ايندا، اجرڪ جي سا اوڍا،
ڪندا سڀ مست قلندر، دمادم مست قلندر.

تون ”آڪاش“ اياڻو آهين، در در تي ٿو دانهين،
چو نہ اڃان تائين تون پنهنجي ٻانهن ۾ ٻَل پائين،
نيٺ پڇاڙي ٿيڻي آهي ، سورن جي او سائين!
ڪندا سڀ مست قلندر ، دمادم مست قلندر.

# جُڳن جُڳن ڪان ...

جُڳن جُڳن ڪان جشن عام ڪري،
پنهنجي ڌرتي،
پنهنجي هستي،
پنهنجي وجودگي ڪي نيلام ڪري،
پنهنجي تاريخ جو ڪفن ڦاڙي،
ڪوڙ جي ڪچرا گهرن ۾ ويهي،
وري موئن جي دڙن ۾ ويهي،
انا جي ڍوندِ ڪي ڦولهيون ويٺا.
اڃا ٻه پاڻ ڪي ڳوليون ويٺا.

شهر ۾ سُڄ جو آ، مينهن اٿو،
نگر نگر ۾ ماٺ جو طوفان،
۽ اهڙي ماٺ!
جو چپرا ٻه ٽين پيا حيران
ڪو پڙاڏو، نڪو آواز، نڪا دانهن ٻُري،
موت جي رنڊي پيئي رقص ڪري،
۽ اسان!
ننڊ جو ٽرو ڏوڪي
ڏيون صبوح ڪي لوليون ويٺا.
اڃان ٻه پاڻ ڪي ڳوليون ويٺا.
اسان جي قبر جون رکوال،
خونخوار ڳجهون،
سدا بڪايلون ۽ ڪار ڳُجيون،
پنهنجي چنبن سان،
پنهنجي چهنبن سان،

اسان جو آئيندو ڪيڪارن ٽيون،
اسان جي ٻارڙن جي ٽولين ڏي،
ڪيڏي لالچ، ڪيڏي وحشت منجهان نهارن ٽيون،
۽ اسان؟
پنهنجي ابهمن کي اڃان،
ٻڌايون ڳيري جون ٻوليون ويٺا.
اڃان ٻه پاڻ کي ڳوليون ويٺا.

۽ ڪڏهانڪر ڪراڙ جي ڪپ تي
پنهنجي مرشد جي صنم خاني ۾
ڏات جي اپسرا ڏُسڪي پيئي،
چؤطرف ترٿلو برپا آهي،
چؤطرف زلزلي جي آمد آ
جو پٽ ڏٽيءَ جي قدمن هيٺان
زمين سنڌ جي کسڪي پيئي،
۽ اسان سڀ.
مزار تي مُرڪي
چڙهايون ريشمي چوليون ويٺا.
اڃا ٻه پاڻ کي ڳوليون ويٺا.

# منهنجا مارو مُرڪن ٿا

منهنجا مارو مُرڪن ٿا،
ساري جڳ جي جهرمٽ ۾
سات ڏٽي سڏجن ٿا،
منهنجا مارو مُرڪن ٿا.

قاسيءَ گهاٽن جي ڦندن کي،
ڪُنهنبا خواب چمن ٿا،
منهنجا مارو مُرڪن ٿا.

ڳاڃ منجهان ڳجگوڙ اٿي آ،
ڀُرٽا بَند ڀڃن ٿا،
منهنجا مارو مُرڪن ٿا.

تازي رت سان تاريخن ۾
ليک نوان لکجن ٿا،
منهنجا مارو مُرڪن ٿا.

نگرين منجهه نظام نئين سِر،
اور وري اڏجن ٿا،
منهنجا مارو مُرڪن ٿا.

(1983ع ۾ ايم.آر.ڊي جدوجهد جي حوالي سان لکيل)

# هوبهو تو جيان

تو سورج کي مُرڪي
مبارڪ ڏيان،
جيئن تون رات جي وات ۾ وه وجهي
روز اوير کي روشن ڪرين تو اجان
تيئن بيمار مائُن جي ڪُک ۾ پليل
سگهن ٻارڙن جي خوابن منجهان،
تخليق جي درد دک ۾ پليل،
پتائي جي ڪنهن بيت وائي جيان،
ساک سان تو چوان،
منهنجي ڌرتيءَ جي ڪُک
سائي آهي اجان.

ڪو جنم تو ڏسان
هوبهو تو جيان،
ڦهڪندڙ ڦهڪندڙ
جرڪندا جرڪندا،
خوشيءَ ۾ مان پاڳل تو بنجي پوان،
پاڻ ئي دل جو دل ۾
تو مُرڪي پوان.

**(اسپتال جي ليبر روم ۾ هڪ ٻار جي پيدائش تي)**

# جيئڻ لئہ جڳ ۾

جيئڻ لاءِ جڳ ۾ ڪو جذبو تہ گھرجي،
مگر چو اسين
خالي خالي، رڳو ڪوڪلا ڪولا،
چڙ شرابيءَ جو سوچن سندا سلسلا،
ڪنيو ٿا وتون پاڻ پنهنجا ئي لاشا!
موت آهي مداري انهي جي اڳيان،
ڪيون پاڻ ٿا روز پنهنجا تماشا.

پاڻ پنهنجي ضميرن ڪان لڪندا وتون،
پاڻ ڪان پاڻ روپوش رهندي سدا
پنهنجي صورت ڏسڻ لئہ بہ سڪندا وتن.

سوچ ساگر ۾ صدين جي ماٺار آ،
جيون جي جر تي ويو سينور ڄمي،
ڪنهن بہ طوفان جو ڪونہ آثار آ.

خيالن جي ڌرتيءَ ۾ ڪارو سهي
ڪو تہ ڪوهر ڦٽي
ذهن جي هي زمين پل نہ زرخيز ٿئي
ڪو تہ توهر ڦُٽي
جيئڻ لاءِ جڳ ۾ ڪو جذبو تہ گھرجي.

# آڱريون مشعلون بڻائي وٺو

دوستو!
پنهنجي ڪَرائي ڏي ڏسو!
چون ٿيون پنهنجي هٿن جون واچون،
تہ پنهنجي آڱرين کي،
مشعلون بڻائي وٺو.

راڄ ۾،
رات جو راڪاس ڏوڪي آيو آ،
شهر خاموش سُتل آ،
ننڊ جاڳي پئي.
چؤطرف درد،
ڪڏيا گئونچ ۾ سلا آهن،
۽ دل جي ٿوهرن،
پائي ڪنڊن جا تاج نوان،
نراسين جي،
اهڙي ڪئي آجيان!
جو خزائن بہ سِر نوائي چڙيا،
شڪستن جي ديوتا جي اڳيان،
گهٽيءَ گهٽيءَ ۾،
موت جي حبشي،
ڪراهتن جي، تال تي جهومي،
نحوس، وحشتن جو رقص ڪري،
سچ جي سيني تي پيو مُڳ ڏري،
سونهن ڏرتي جي،

پيئي سام گهُري.

چون ٿيون پنهنجي هٿن جون واچون،
ته انهيءَ سونهن کي،
تاابد زندگي بخشيون
اجهاڳ اکڙين جي گولن ۾
لڪائي ڌرتي جي گولي کي ڇڏيون.

انهيءَ کان اڳ،
جو وقت جو وحشي،
اسان جي زندگيءَ جي سرحد تي،
موت جي مَس سان،
لفظ ”ختم“ لکي،
اسان جي واچ جي
ڪانٽن کي ڇڏي بيهاري،
دوستو!
پنهنجي ڪرائي ڏسي ڏسو!
آڳريون مشعلون بنائي وٺو!

(جنرل ضياءَ جي مارشلا لاڳو ڪرڻ تي)

# لطيف سائين کان هڪ سوال

پڳو آءُ نہ چوان، ماريو تان وسهان،
ڪاند منهن ۾ ڏڪڙا، سيڪيندي سونهان،
تان پڻ لڄ مران، جي ڪر هئنس پٽ ۾.
(لطيف)

مڃيم! منهن ۾ ڏڪڙا، تون سيڪيندي سونهين!
پر تن کي ڪندين ڪيئن؟ جي پنهنجي هنيا پٽ ۾؟

# پنهنجا گهر جا ڪتا

پڇيو حيران ٿي مون هاريءَ کان،
ڪنهن تہ آرڻ هي اجاڙيا آهن؟
چيائين ڏوهہ ناهي گدڙن جو،
پنهنجي گهر جا ڪُتا پاڙيا آهن.

---

آرڻ: گدرن ۽ هندائڻ جي واڙي

# روح جي رڻ ۾...

سرءُ جي رات جي ڪنهن آخري تاري وانگر
قتل "پُراڻ" جي دريا جي ڪناري وانگر
اَڻ سمجهه ٻار، اپاهج جي اشاري وانگر
تنهنجو آڪاش هو اڻپورو، اڌورو، اجڙيل،
رُڃن جي ماريل رولاڪ مسافر وانگر
وڇوڙي رات جي ويلا جيان وياڪل وياڪل.

ترڪ دنيا ٿيل، تنها، تنها،
جنهن جا ڳوڙها به هئا، بي منديءَ، بي جا، برڪا،
جنهن جا سپ خواب،
ڪير ٽر جي خاردار وادين ۾،
پره جي ويل ڪنهن پياسي پهاڙ جا پاڇا.

هر طرف هئا حيات جا،
هزارين واءُ، مينهن، واچوڙا،
پر سچ پڇين ته او سڄڻ سائين!
خيال خواب جي پر خوف خيابانن ۾،
ڪنهن خانه بدوش جي
ڪُليل خيمي وانگر،
پيار تنهنجو پناهه گاهه رهيو
وڇوڙي ۾ به منهنجي واهه رهيو،
تنهنجو هر روپ، مون ڪي راز سَلي راهن جا
روح جي رڻ ۾ رهنماءُ رهيو.

---

پراڻ: سنڌونديءَ جو قديم وهڪرو

# طبيب! ڪجهہ تہ تپاسي ڏس تون!

طبيب!
ڪجهہ تہ تپاسي ڏس تون،
جو ڀلا مات جي وحشت ۾
دل تي گهيرائي.
جو ڀلا ڦٽ نراسائي جو ڇٽي ئي تئو،
سانت جي چئوطرف سرٽين
ويا آ ڦهلائي،
هي کهڙا درد، جن جو
سلسلو ڪُٽي ئي تئو؟
جو ڀلا وقت جي منصور جي چپن تي وري،
ڪينسر مصلحتن جي اڀري آ.
چون ٿا،
سچ جي گوري بہ ڏاڍي اڳري آ.

جو ڀلا؟
سانت جي هن شهر ۾ هلندي هلندي
منهنجي جذبن جو ساهہ گهٽجي ٿو،
منهنجي شعرن، منهنجي گيتن،
منهنجي سپنن جو ساهہ گهٽجي ٿو،
منهنجي نگري
۽ منهنجي ڌرتيءَ جي
ساهوارن جو ساهہ گهٽجي ٿو.
طبيب ڪجهہ تہ تپاسي ڏس تون!

# اڌورا ۽ اڻپورا گيت

جيسين منهنجي ڌرتيءَ تي تو رقص ڪري راڪاس،
جيسين انسانن جي اڳ تي ماسو ناهي ماس،
جيسين دهشت ۽ وحشت جو وستيءَ ۾ آ واس،
جيسين جڳ ۾ جاري آهي رت وهائڻ ريت،
تيسين اڌورا ۽ اڻپورا، رهندا منهنجا گيت.

جيسين هينئڙي هول ٻه اهي، جيسين پاڙو پول،
جيسين ڪاچ ۽ ڪنڪر وڪبا، موتي هيرن مول.
جيسين هر ڪنهن پير ۾ ٻيڙي، جيسين هٿ ڪڙول،
جيسين جذبن ۽ رشتن جي جڳ ۾ ناهي جيت،
تيسين اڌورا ۽ اڻپورا، رهندا منهنجا گيت،

جيسين سچ تي سئو سئو ڦٽڪا، پيار آ جيسين پاپ،
جيسين ڪنهن سجني جو ساجن سان نہ ٿيو ميلاپ،
جيسين پنهنجي راڄ مٿان ٿي راڄ ڪري چُپ چاپ،
جيسين ماٺ ۾ رهندا، منهنجا مارو، منهنجا ميت،
تيسين اڌورا ۽ اڻپورا، رهندا منهنجا گيت.

# آخر ڪائي ڳالهه ته هئي

توسان نينهن نئون ڪو ناهي،
توسان صدين کان آ سنگ،
منهنجي پيار جي پاڇولن ۾،
تنهنجو روپ ۽ تنهنجو رنگ.

منهنجي هر هڪ گيت ۾ گُجري!
تنهنجو چندن چاهه،
منهنجون ڪويتائون ڪاڳر گُل،
تن ۾ پريئي هڳاءُ.

منهنجا سپنا سڀ هئا سڪٽا،
جن ۾ ڪو به نه واس،
تو ئي ڪتوري خواب ۾ اوتي،
عشق ڏئي الماس.

جنم جنم کان جيءَ ۾ هُئي،
ڄڻ ٻاٻيهي جي پياس،
تنهنجي سونهن جي ساگر سان سڀ،
اجري پيا احساس.

مڌ ڪتوريون تنهنجون مُرڪون،
چپ به تنهنجا چاش،
آخر ڪا ئي ڳالهه ته هئي!
جو پاڳل ٿيو آڪاش.

# سورج جي ڏند ڪٿا

اسان ته قصن ۾ ئي پڙهيو آ،
يا ڏند ڪٿائن جو ڪوڙ آهي،
ته هتان گهڻو ڏور ولايتن ۾،
پکين، پرين ۽ پوپٽن جي،
گلن ۽ ٿانڊاڻن جي نگر ۾،
ستن رنگن جو ڪو شاهزادو،
رنگ ۽ روپ جي رٿ تي ويهي،
اچي ٿو اوڀر جي ماڙين مان،
گلن جو داتا، پرين جو نيتا،

ها! ستن رنگن جو ڪو شهزدو،
سنهري هيرن جو تاج پائي،
صبح جي ٿڌڙي هوا سان مشڪي،
سورج مُکيءَ سان اکيون ملائي،
سرنهن ڦلن کي ڀاڪي سان لائي،
سنهري ڪرڻن جي اندلٺ سان،
اتي جي ذرتيءَ کي جڳمڳائي.

وشا آڪاش جي سلسلن ۾،
۽ ڇهچ زيتون جي پنن ۾،
ڪبوترن جي ڪليل ڪنين ۾،
فهم فڪر جون ٿو ڏي پروليون،
پري ڏئي ٿو پنيورين کي،
دَيا سان دامن، حيا سان جهوليون.

۽ شام جو پتڪڙن پوپٽن کي،
حسين رابيل هي گلن کي،
شرير ۽ ريشمي بادلن کي،
شفق ۽ سپنن جي نرم هنج ۾،
سمهاري سندر سٽائي لوليون،
اچو ڪهاڻيءَ جو انت ڳوليون!

پر اسان تہ سورج ڏٺو ئي ناهي!!
هتي سدا رات جو راڄ آهي،
هتي تہ هر هڪ سورج مکيءَ جو،
سدائين گردن جهڪيل ئي آهي،
اسان جي نگريءَ جي پوپٽن جو،
حسين رابيل جي گلن جو،
شرير ۽ ريشمي بادلن جو،
پرين جي پازيب جي سُرن جو،
ڪبوترن جي ڪُليل ڪنين جو،
ينيوري، ينئورن ۽ بلبلن جو،
شفق ۽ سپنن جو ساهہ سائين!
ڪنهن دؤس ۽ ديو جي مٺ ۾ آهي،
ستن رنگن جو هي شاهزادو،
رڳو ڪهاڻين جو ڪوڙ آهي!؟

# رڳو ٿر جي صحرا تي...

ميون ٿا،
اسان جون زبانون ٻه پاڙان پٽائي سگهو ٿا،
اسان جا سيئي،
درد، ورلاپ سڏڪا،
گفتا ۽ ڳالهيون،
رکي وات تي هٿ، دٻائي سگهو ٿا.

ميون ٿا، او ماري!
ڪارونجهر مٿان جي،
ڪئي ڪُٽڪ ڪونجن،
انهن جا پڙاڏا ۽ ڪٽڪات ڪوڪون،
رڳو ٿر جي صحرا ۾،
ٿورو ٻه ڳونجن،
ها! ميون ٿا،
ٻجي باز بحري انهن تي،
انهن جو پڪ پڪ پٽائي سگهو ٿا.

مگر منهنجا سائين!
يلا تن جي ڳونجن کي گهائي سگهو ٿا؟
لڳايو يلي،
جي پڙاڏان تي پهرا لڳائي سگهو ٿا.

# تلاشي

تون
ڪنهن جي ڪنهن جي،
تلاشي وٺي سگهندين ڪانئرا!
هليا مان توکي ٻڌايان،
ته هنن وٽ ڇا آهي،
ڏسي سگهين ته پلي ڏس
انهن جي اکين ۾،
انهن ۾ آڳ لِڪيل آهي
انتقامن جي،
منهنجي معصوم دردمند ديس واسين تي،
تنهنجي بي رحم تشدد جي،
قيد ڪوڙن جي،
قدم قدم تي ڪيل قهر ۽ قتلامن جي،
هليا مان توکي سڻايان،
ته هنن وٽ ڇا هي،
هي جيڪي ڏيل ڏسين پيو نه تون ڏيرا ڏيرا،
سو ته بارود جو ڍنيٽ
بدن بدن آهي،
ماڻهوءَ ماڻهوءَ جي من ۾
مشين گن آهي،
هي جيڪي اجرڪن جا ڏسين پيو پٽڪا
سُرخ سانگين جا سِرن تي ٻڌل ڪفن آهن،
هليا مان توکي سڻايان،
ته هنن جي من ۾،
ڪهڙي خواهش ۽ ڪهڙو خواب آهي،
اهو ته آهي رڳو آهي انقلاب آهي.

# منهنجي نگريءَ جي نينگرين کي چئو!

منهنجي نگريءَ جي نينگرين کي چئو!
ٽٽن تي متان هيريو پنهنجي نڪن.
سا ته ڪاٺياري تي ڪوٺبي ڪرڻ ۾،
جيڪا بخمل سان پنيلائي پنهنجو بدن،
ڪانڌ جن جا ڪسابن ڪان قيدي هجن،
سي نڪو سينڌ، سرمو ۽ سينگار ڪن.

متان ڪا، مليران مياري ٿئي!
متان ڪا هٺي هاڻ ميندي هڻن،
ڏسو ڪين ٿيون؟
مُٽ پنهنجي منجهان،
ڪرڪ واري جيان،
هي وجي پيو وطن.

وڳهه جون وارثو!
وقت وحشي ڏسو،
ڪيئن نه زخمي ۽ مچريل
ڪنهنجي چيتي جيان،
ڦٽ پنهنجا چٽي
پنهنجي تاريخ جون
عصمتون پيو لٽي.

ستارن جڙيل سرخ چوڙا
سيئي ڪرايو ڪفن،

جن جي سينن تي گولين جا
تمغا هجن،
جن جي ورين جي پيرن هجن پيڪڙا
تن جي پيٽن کي بينسر نہ ٻُولا سونهن،
هاڻ پازيب پائڻ وڏو پاپ آ،
تيسين ڪتمال پائڻ کان ڪٽجو قسم!
جيسين واري وٺون ڪين پنهنجو وطن،
جيسين واري ولون ڪين پنهنجو وطن.

---

وڳهہ: ڪوٽ شهيد دودي سومري جي وقت ۾ سنڌ جي گاديءَ جو هنڌ

# تاريخ جو ننڍڙو نقطو

ڇا؟
اسين تاريخ جي غارن ۾ سُتل
قديم نسل جا وحشي آهيون؟
جن کي درٻار جي اوبر تي پليل،
ڪو مؤرخ،
جڏهين به چاهي، تبرن جا طوق پائي ڇڏي!

مڃون ٿا ماضي جي،
ڏيڻين ۾ ڳتل،
شڪست مات جي،
منحوس مقامن ۾ پيل،
قبر قبر تي لڳل،
پنهنجي پڇتاءَ جا پٿر آهيون.

يا پارڪر ۾ پره ويل،
پوڇا ڪان وانجهيل،
اجاڙ ڳوٺڙي جا مندر آهيون.

مان مڃان ٿو!
وڏي واڪي ٿو مڃان،
منهنجي تاريخ آ،
تاتارين جي گهوڙن جي،
سوين سُنبن سان لتاڙيل،
شهيد ٻارن جي،
سنڌ جي سيند مان،

لُتجي ويل ستارن جي،
انهي تاريخ جي هر صفحي منجهان،
مونکي ڳھُوري ٿو ڪو ”مرزا باقي“
اکر اکر ۾ ڏسان ٿو، اسانجي امڙين جي،
ڇيهون ڇيهون ڪا اگھاڙي ڇاتي.

هر شڪل ۾ ڪو ”نئون“ شهسوار بيٺل آ،
لُٽيل عصمت جي هر هڪ لاش مٿان،
خوني چنبن سان ڪوئي خونخوار بيٺل آ.

انهيءَ تاريخ جي
جهروڪي مان ٿيون جهاتيون پائن،
ننگر لٽي جون سڙيل بازارون،
سوين لُٽيل دڪان موتين جا،
ڌوڙ ۾ چُور چُور چوڙيون ۽
باه ۾ پاند سڙيل پوتين جا.

قدم قدم تي ڪارا لاش ڪتبخانن جا،
جڳھه، جڳھه تي جنازا، قرآن، پوٽين جا،
آ هر هڪ تڙ مٿي، ترخان تازياني جا،
۽ ڏنيل ڏيل ٿا ڏسجن، اسان جي ڏوٽين جا،
انهيءَ تاريخ جي هر شام!
آهي شام شهر ديبل جي،
گهٽيءَ گهٽيءَ مان اڇي بوءِ سڙيل لاشن مان،
خون گاڏڙ ڳجين جا ڦوهارا،
جنگي گهوڙن جي زخمي ناسن مان،
انهن جون هانءُ ڦاڙ هڻڪارون،
پتڪڙن ٻارڙن جون،

ٻاجهه لاءِ ٻاڪارون،
اگهاڙي سر اسانجي عورتن جون اوچنگارون،
۽ هو گهوڙن جي رڪيبن سان ٻڌل،
منهنجي ڌرتيءَ جون نينگريون آهن،
ڪئين نہ ڦٽڪن ۽ گهلجن پيئيون،
ڇڙ تہ ڪُنديءَ ۾ پوپريون آهن.

ڏُور ان شام، اڪيلو ڏاهر،
سمورو ڏيل آ، ڏارون، ڏارون
آ زخم زخم بدن، ۽ سامهون،
لهو پياڪ لغورن جون وحشي للڪارون،
هيڪلو تن، هزارين تلوارون.

اهڙين وِهه پياڪ وَيرن ۾،
ڏسان ٿو ڇڙ، تہ ڪو زخمي چيتو،
وحشي بگهڙن جي خوني گهيرن ۾،
پسان ٿو پڳ سندس،
هاٿين جي پيرن ۾،
ڇڙ تہ الماس رولجي پيو ڪو،
پنهنجي تاريخ جي انڌيرن ۾،
مان مڃان ٿو، انهي تاريخ جي،
هر رات روپا ماڙيءَ ۾،
وطن فروش، چغلخور، چنيسر جون سوين،
ٿهڪ، چٽرون ۽ ٺوڪرون آهن.
شهيد دودي جي شهزور شهپرن تي لڱل،
خسيس خلجي جي بوٽن جون ٺوڪرون آهن،
ڪَروڌ مان آ ڪشُيل،

ڳاٽ اوچو قاتل جو،
جنهن ڪان ڪنهن انتقام جي خاطر،
وِڳهه جي ڪوٽ جي ويران ڪندرن ۾ اجان،
روز پٽڪي ٿو روح ٻاگهل جو.

اها تاريخ پنهنجي سيني ۾،
ذلتن، ظلم جي زهر ۾ ٻڏل،
هزارين ٻرڇيون پالا آهن،
انهيءَ تاريخ جي،
هر ورق، هر ورق تي وڪريل،
سوين بغداد جا چڪلا آهن،
جتي نيلامي ڪئي ويئي،
اسان جي پيڙهن جي،
جنهن جي هر لفظ ۾ حوص تي نچي،
قاتلن، ڪسبين، ڪميڻن جي.

انهيءَ تاريخ جي هر سِٽ سِٽ منجهه چٽيل،
هر نئين شڪل مونکي شرمايو.
مان اها سوچ پيو سهي ويندس:
دولهه، دودو هجي، هيمون هجي يا ڪو هوشو،
منهنجي تاريخ جي هر هيري آهي هارايو.

مگر درٻار جي اوبر تي پليل او مؤرخ!
هليا مان توکي ٻڌايان، اهو ننڍڙو نقطو،
متان رهجي ڪٿي، اڻڄاڻ وڃين!
هزار پيرا وڙهياسين، پلي ماريا وياسين،
مگر ٻڌاءِ ڪڏهين آ، اسان ڪا ”آڻ مڃي“!!؟

# راهوءَ جو رت ريٽو

نگريءَ ۾ نيٺ پنهنجي،
نئين سر نياءُ ٿيندو.
هر خون ڪٽوريءَ جو،
هڪ ڏينهن هڳاءُ ٿيندو.

راهوءَ جو رت ريٽو،
جو آ اجا نہ ميٽيو،
جنهن کي اسين رکون پيا،
سيني اندر سميٽيو،
هڪ ڏينهن ايامي اپري،
گرجي گواه ٿيندو.
نگريءَ ۾ نيٺ پنهنجي،
نئين سر نياءُ ٿيندو.

مُرڪون نہ تنهنجون مرنديون،
۽ وير تنهنجا ورندا،
فاضل جي رت ڦڙي مان،
فاضل لکين نِسرندا،
هي قافلا بہ هلندا،
مارڳ مباه ٿيندو.
نگريءَ ۾ نيٺ پنهنجي ،
نئين سر نياءُ ٿيندو.

راتين جو رهزنين سان،

جي گهوٽ گهر ڪان گُم ٿيا،
شاهي قلعن جي پويان،
جي بيوطن دفن ٿيا،
”آڪاش“ تن جو اڌمو،
آتش الاءِ ٿيندو.

نگريءَ ۾ نيت پنهنجي،
نئين سر نياءُ ٿيندو،
هر خون ڪٿوريءَ جو،
هڪ ڏينهن هڳاءُ ٿيندو.

# آگسٽ 1983ع

اوهان ته چاهيو ٿي،
ته اوهانجي حُڪم سِوا،
ڪائناتن ۾ ڪو ڪک پن نه چُري،
سج ساڪت ٿي رهي،
چنڊ جو بدن نه چُري،
ڪوبه ٽيڙو،
ڪٿي ٽم ٽم نه ڪري،
اوهان جي حُڪم سوا.

اوهان جي حڪم سوا
پکي به پر نه هڻي،
شهر سُتل ٿي رهن،
ڳهر هجي ڳوٺن تي،
متان ڪو ڳيرو ڳاٽ اوچو ڪٽي،
اوهان جي حُڪم سوا.

اوهان ته چاهيو ٿي،
متان هوا جو ڪو ڪومل جُهوتو،
قيدخانن جي ڪوٺڙين
بغاوت نه ڀَري.

اوهان جو حُڪم آ،
ڪنهن جي من ۾،
متان ڪو خواب يا سپنو اچي سرگوشي ڪري،
ٿتا چاهيو! هتي ڪا هير ڳهُلي،
باک جي نرم بدن تي
ڪري ڪا ڪتڪائي،
آسمان تي اوهان جهڙتي،

هجي اوندهه چانيل،
ڪٿان اپري نہ ڪڪر سُرمائي.

اوهان تہ چاهيو ٿا!
آڪاش ساڻ اک پچي،
متان ڪينجهر جو ڪو ڪنول نہ کلي،
جيڪر اوهان جو حڪم هلي.

اوهانکي ڪير پڏائي،
هي راز ڪير سَلي،
اوهين چمڙن جي تخم جو،
نئون نيپاچ آهيو!
اوهان ڏسو نہ ڏسو،
سچ نڪرندا رهندا،
اوهان تہ موت جي،
غليظ گهٽين جا ڪِنا ڪُتا آهيو!

اوهان جو ڪم آ بَهڻ
۽ اوهان بَهندا رهندا،
اوهان جي حڪم عدولين سا سو اعلان ڪٽي،
حيات جا هزارين قافلا هلندا رهندا،
هلندا رهندا، هلندا رهندا
اوهان جي حُڪم سوا.

---

بَهڻ: پؤنڪڻ

# توسان نہ ملان ها!

پل ساري ڪائنات جو، محورُ هجان ها مان،
توسان نہ ملان ها، تہ گداگر هجان ها مان،

سوچن جي مٿان سونهن جو، سانوڻ نہ وسي ها!
تہ جي اجاڙ ٽاڪ جو، ٽوهر هجان ها مان.

ڪنهن پيار جي پارس ڇُهي، ڪنچن ڪري ڇڏيو،
ورنہ ڪنهن رجي راه جو پٿر هجان ها مان.

ڪا شڪل ڏسي عقل پيو، سجدي سجود ٿيو،
نہ تہ اڻ ڏٺل خدا سندو منڪر هجان ها مان.

ڪنهن روپ ڪئي روح ۾ ريشم رفوگري،
نہ تہ شام ويل مڪلي جو منظر هجان ها مان.

# مان هليو چو ويس ؟

تون پڇين ٿو پرين!
مان هليو ڇو ويس؟

جڏهين شام جو جام،
خالي نہ هو،
رات رم جهم هُئي،
تنهنجي ساهن جي،
جهيڻن سُرن سان سُتل،
منهنجي بستر تي،
مُنڪر نڪير موسم هئي.

تنهنجي ڪجلين اکين جي،
ڪنارن مٿي،
منهنجي چپڙن جي پيڙي،
لڳي ئي لڳي،
ها! انهيءَ ڪان اڳي،
مان هليو ڇو ويس؟

سچ پڇين او پرين!
دل بہ چاهيو گهڻو،
ڪا گهڙي تنهنجي،
وارن جي ڪارين گهٽائن منجهان،
واس وٺندو رهان!
ٻن گهڙين لئہ سهي،
تنهنجي آغوش جي سانوري شام ۾،

ڪنهن روپوش پياسي مسافر جيان،
مان پناهون وٺان،
ڪن پل ئي سهي،
تڪ ٿورو ڀڄان.

دل ته چاهيو گهڻو،
تنهنجي نيڻن جون،
نرمل هي چاندوڪيون،
سدا مست نيندون نياپا ڪٽي،
روح جي رڻ مٿان،
ايئن رقصان رهن.

دل ته چاهيو گهڻو،
تنهنجي ٻانهن جون ڪچڙيون،
۽ ڪومل وليون،
سونهن سرهاڻ جا،
سؤ سنديسا ڪٽي،
منهنجي تن تي سدا،
ايئن وڪريل رهن.

ها مگر ڇا ڪريون
تنهنجي ڪاڪل جي قيدي،
ٿيڻ ڪان اڳي،
قيدخانن ۾ ڪائي ڪشش هئي پرين!
جيڪا ويئي ڇڪي.

دل ته ماٺڻ گهُريون،

تنهنجون سڀ دلبريون،
ها مگر ڇا ڪريون،
دار جي درد ڪي،
پنهنجي لذت هئي،
جيڪا ويئي ڇڪي،
تون پڇين ٿو پرين!
مان هليو ڇو ويس.

(نارا جيل 1982 ع)

---

ڪاڪل: زلف

# منهنجو ڪتبو

ڏسين ٿو قبر تي ڪتبو ته آئون ڪير آهيان؟
مان پنهنجي سنڌ جي مٽيءَ جو ننڍڙو ڍير آهيان،
مان دين ڌرم جي دوڪن ڪان دور دور رهيس،
مان ماڻهپي جي منزلن ڏي ڪنيل پير آهيان.